Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :11 | جمعو 21 جولاءِ 2023 ع بمطابق 02 محرم الحرام 1445هه | شمارو: 272 | قيمت 10 رپيا

12 آگسٽ تي اسيمبلي ٽٽي ته 11 آڪٽوبر کان اڳ چونڊون ڪرائينداسين: اليڪشن ڪميشن

اسان کي سيڪيورٽي اهلڪار ملندا. پراڻن تڪن تي چونڊون ٿينديون. اليڪشن لاءِ واٽر مارڪ پيپر ورتو ويو آهي : ظفر اقبال

سمورا ادارا رابطي ۾ آهن. ڊي آر او ۽ آر او لاءِ عدليه کي درخواست ڪنداسين. اليڪشن لاءِ مڪمل تيار آهيون

مواد تيار ڪيو ويو آهي.، رجسٽرار آر اوز لاءِ هاءِ ڪورٽن ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي : اسپيشل سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن

اليڪشن ڪميشن انتظامي آفيسرن، پنهنجا آفيسر ۽ عدالتي آفيسر استعمال ڪري سگهي ٿي

نئين چونڊ سڌارن موجب چونڊون ڪرايون وينديون، پي ٽي آءِ جي پرڏيهي فنڊنگ جو معاملو عدالت ۾ آهي

سياست ۾ ڪارو پيسو نظام کي نقصان پهچائي رهيو آهي. هڪ سال ۾ علاج نه ٿو ڪري سگهجي ٽيڪس قانونن کي بهتر بڻائڻو پوندو : عمر حميد

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي اسپيشل سيڪريٽري ظفر اقبال هڪ تقريب کي خطاب ڪندي چيو آهي ته جيڪڏهن 12 آگسٽ تي مدو پورو ٿيڻ تي اسيمبلي ٽوڙي وئي ته چونڊون 11 آڪٽوبر کان اڳ ڪرايون وينديون. ظفر اقبال وڌيڪ چيو ته اسان کي سيڪيورٽي اهلڪار ملندا. پراڻن تڪن تي چونڊون ٿينديون. اليڪشن لاءِ واٽر مارڪ پيپر ورتو ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

خيبر: باڙا بازار ۾ تعلقي ڪمپائونڊ پرسان آپگهاتي ڌماڪي بعد اهلڪار واقعي واري هنڌ پهچڻ لاءِ ايندي

پاڪستان ۽ يوڪرين ۾ ڪو دفاعي معاهدو ناهي ٿيو: بلاول ڀٽو زرداري

روس—يوڪرين جنگ ۾ انساني جانيون ضايع ٿيڻ تي افسوس آهي، ٻنهي ملڪن وچ ۾ مسئلا ڳالهه ٻولهه ذريعي حل ٿيڻ گهرجن

پاڪستان ۽ يوڪرين وچ ۾ ڪو دفاعي معاهدو ناهي ٿيو. اسان خطي ۾ امن چاهيون ٿا ۽ پاڪستان يوڪرين سان ٻه طرفا لاڳاپا وڌائڻ جو خواهشمند آهي

پاڪستان ۽ يوڪرين وچ ۾ سٺا لاڳاپا آهن، واپار ۽ سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ چاهيون ٿا: يوڪريني پرڏيهي وزير ڊميٽرو ڪليبا

عالمي مارڪيٽ ۾ يوڪريني شين جي پهچ کي آسان بڻايو ويندو، اسان جي سلامتي ۽ خود مختياري جي حمايت تي پاڪستان جا ٿورا مڃون ٿا

يوڪرين جي پرڏيهي وزير اسان جي سلامتي ۽ خودمختياري جي حمايت ڪرڻ تي پاڪستان جا ٿورا مڃيا : پرڏيهي وزير ۽ پ پ چيئرمين

اسلام آباد (م ڊ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پاڪستان ۽ يوڪرين وچ ۾ ڪو دفاعي معاهدو ناهي ٿيو يوڪريني هم منصب ڊميٽرو ڪليبا سان گڏ اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته روس —يوڪرين جنگ ۾ انساني جانيون ضايع ٿيڻ تي افسوس آهي، ٻنهي ملڪن وچ ۾ مسئلا ڳالهه ٻولهه ذريعي حل ٿيڻ گهرجن هن چيو ته پاڪستان ۽ يوڪرين وچ ۾ ڪو دفاعي معاهدو ناهي ٿيو اسان خطي ۾ امن چاهيون ٿا ۽ پاڪستان يوڪرين سان ٻه طرفا لاڳاپا وڌائڻ جو خواهشمند آهي، يوڪرين سان مختلف شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ چاهيون ٿا. يوڪريني پرڏيهي وزير ڊميٽرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو يوڪريني هم منصب سان ملاقات دوران هٿ ملائيندي

سائفر پبلڪ ڪري سگهجي ٿو نه ئي ڪنهن سان شيئر ڪري سگهجي ٿو : اعظم نذير تارڙ

سياسي مقصدن لاءِ سائفر جي استعمال تي 14 سال قيد جي سزا ٿي سگهي ٿي

قومي سلامتي کي پٺ تي رکي سائفر جو سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويو

اعظم خان جي بيان سان واضح آهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين سائفر کي ڪهڙن مقصدن لاءِ استعمال ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته سائفر پبلڪ ڪري سگهجي ٿو نه ئي ڪنهن سان شيئر ڪري سگهجي ٿو، سياسي مقصدن لاءِ سائفر جي استعمال تي 14 سال قيد جي سزا ٿي سگهي ٿي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

خيبر ۾ تعلقي ڪمپائونڊ ۾ آپگهاتي ڌماڪو، 4 پوليس اهلڪار شهيد

باڙا بازار ۾ ٿاڻي جي مرڪزي گيٽ پرسان ڌماڪو ٿيو، جنهن ڪانپوءِ علائقي ۾ شديد فائرنگ به ڪئي وئي

پوليس وقت تي ڪارروائي ڪندي دهشتگردن جو حملو ناڪام بڻائي ڇڏيو

باڙا مارڪيٽ ۾ ڌماڪي ڪانپوءِ پوليس علائقي جو گهيرو ڪري ورتو ۽ ريسڪيو اهلڪار واقعي واري هنڌ پهچي ويا

خيبر (م ڊ) خيبر جي باڙا بازار ۾ تعلقي ڪمپائونڊ پرسان آپگهاتي ڌماڪي ۾ 4 پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا. پوليس موجب خيبر جي باڙا بازار ۾ ٿاڻي جي مرڪزي گيٽ پرسان ڌماڪو ٿيو، جنهن ڪانپوءِ علائقي ۾ شديد فائرنگ به ڪئي وئي، دهشتگردن باڙا ٿاڻي، سي ٽي ڊي سيل ۽ سرڪاري آفيسن تي ٻڌل تعلقي ڪمپائونڊ ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

9 ۽ 10 محرم الحرام تي عام موڪل جو اعلان

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي حڪومت 9 ۽ 10 محرم الحرام تي عام موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ڪابينا ڊويزن 9 ۽ 10 محرم الحرام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

محرم الحرام دوران سڄي ملڪ ۾ فوج مقرر ڪرڻ جو فيصلو

گهرو وزارت چئني صوبن سميت گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير حڪومت کي خط موڪليو

گهرو وزارت آرٽيڪل 245 تحت سڄي ملڪ ۾ فوج مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گهرو وزارت محرم الحرام دوران سڄي ملڪ ۾ فوج مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. گهرو وزارت چئني صوبن سميت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

جعلي دستاويزن تي عراق ويندڙ 6 جوابدار ڪراچي پهچندي ئي گرفتار

گرفتار جوابدارن ۾ امتياز حسين، ضمير حسين، محمد عمران، عندليب حسنين، جليل احمد ۽ جواد حسين شامل

جوابدارن جي پاسپورٽس تي عراق جون جعلي ويزائون لڳل آهن : اختياريون

ڪراچي (م ڊ) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) جي اميگريشن سيل غير قانوني طور عراق وڃي واپس پهچندڙ 6 جوابدارن کي ڪراچي ايئرپورٽ تان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

نيپرا ڪي اليڪٽرڪ جي لائسنس ۾ 6 مهينن جي عبوري واڌ ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) ڪي اليڪٽرڪ جي لائسنس ۾ 6 مهينن جي عبوري واڌ ڪري ڇڏي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ وفاقي حڪومت طرفان سپر ٽيڪس گڏ ڪرڻ غير قانوني قرار ڏئي ڇڏيو

انڪم ٽيڪس آرڊيننس جي سيڪشن 4 سي کي غير آئيني قرار ڏيڻ جي درخواستن تي ٻڌڻي ٿي

عدالت مختلف ڪمپنين ۽ ادارن طرفان داخل درخواستون منظور ڪرڻ جو فيصلو ٻڌايو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ وفاقي حڪومت طرفان سپر ٽيڪس گڏ ڪرڻ غير قانوني قرار ڏئي ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ انڪم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي جي واپارين آرمي چيف ۽ چيف جسٽس کان مدد گهري ورتي

هول سيل بولٽن مارڪيٽ جي واپاري اتحاد ايسوسيئيشن جي چيئرمين پاران احتجاج جي ڌمڪي

مهانگائي سبب پريشان عوام تي وڌيڪ بار وڌو ويو آهي. ملڪ جي معيشت زبون حالي جو شڪار آهي : شريف ميمڻ

عام ماڻهو پنهنجي ٻارن کي ٻن وقتن جي ماني ڪمائي نٿو ڏئي سگهي، اسان جو سڄو ڪاروبار تباهه ٿي چڪو آهي

ڪراچي (م د) ڪراچي جي واپارين آرمي چيف ۽ چيف جسٽس آف پاڪستان کان مدد گهري ورتي آهي. ڪراچي جي سيني کان وڏي هول سيل بولٽن مارڪيٽ جي واپاري اتحاد ايسوسيئيشن جي چيئرمين شريف ميمڻ کي اليڪٽرڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

احتساب عدالت شهباز شريف ۽ حمزا شهباز کي مني لانڊرنگ ريفرنس مان آجو ڪري ڇڏيو

وزيراعظم شهباز شريف، حمزا شهباز ۽ نصرت شهباز سميت ٻين جوابدارن خلاف ڪيس جي انڪوائري 2018 کان هلي رهي هئي

وزيراعظم شهباز شريف ۽ حمزا شهباز سميت ٻين جوابدارن ان ڪيس ۾ آزادي جون درخواستون داخل ڪيون هيون

مني لانڊرنگ ريفرنس ۾ رابعه عمران اشتهاري آهي ۽ ان جا دائمي گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا

لاهور (م د) احتساب عدالت شهباز شريف ۽ حمزا شهباز کي مني لانڊرنگ ريفرنس مان آجو ڪري ڇڏيو وزيراعظم شهباز شريف، حمزا شهباز ۽ نصرت شهباز سميت ٻين جوابدارن خلاف ڪيس جي انڪوائري 2018 کان هلي رهي هئي ۽ ان جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

راڄونتي جي ڪچي ۾ جاري پوليس آپريشن دوران 2 ڌاڙيل مارجي ويا

مغوين جي بازيابي لاءِ هلندڙ سرچ آپريشن دوران ڌاڙيل بديحل شر جي ٽولي سان مقابلو ٿي پيو

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڌوهاري رشيد شر ٿڏي تي مارجي ويو، شيرو شر زخمي ٿي پيو

شيرو شر کي علاج لاءِ رحيم يار خان اسپتال نيو پئي ويو ته هن رستي ۾ دم ڏنو

راڄونتي/ اوباوڙو (نمائندن وٽان) راڄونتي جي ڪچي ۾ جاري پوليس آپريشن دوران 2 ڌوهاري مارجي ويا، سلسلي ۾ پوليس جو چوڻ آهي ته مغوين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي (فائيل فوٽو)

ڀارتي اپوزيشن جي 26 جماعتن پاران مودي کي ٽڪر ڏيڻ لاءِ اتحاد جو اعلان

26 جماعتن مودي جي ڀارتيا جنتا پارٽي (بي جي پي) کي ٽڪر ڏيڻ لاءِ اتحاد جو اعلان ڪيو

26 جماعتن 2019 ۾ لوڪ سڀا جي چونڊن ۾ 134 سيٽون حاصل ڪيون هيون

نئين دهلي (م ڊ) ڀارت اپوزيشن جي 26 جماعتن حڪومت کي ٽف ٽائيم ڏيڻ لاءِ اتحاد بڻائي ڇڏيو ڀارتي ميڊيا رپورٽن موجب ڀارت جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اپوزيشن جي 26 جماعتن مودي جي ڀارتيا جنتا پارٽي (بي جي پي) /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سکر ۾ قتل ڪيل واپاري حافظ حماد انصاري جي قتل ۾ سندس دوست ملوث نڪتو

پوليس مقتول جي دوست اسامه شيخ کي گرفتار ڪري قتل ۾ استعمال ٿيل پسٽل هٿ ڪري ورتو

پئسن جي لالچ ۾ اچي حافظ ڪلاٿ هائوس جي مالڪ حافظ حماد انصاري کي قتل ڪيو : اسامه

سکر (رپورٽر) سکر ۾ قتل ڪيل واپاري حافظ حماد انصاري جي قتل ۾ سندس دوست ملوث نڪتو، پوليس مقتول جي دوست اسامه شيخ کي گرفتار ڪري قتل ۾ استعمال ٿيل پسٽل هٿ ڪري ورتو آهي حافظ حماد انصاري جو گولين لڳل لاش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ميئرز ۽ چيئرمينز کي ڊولپمينٽ اٿارٽي جو چيئرمين بڻائڻ وارو بل اسيمبلي ۾ پيش

بل پاس ٿيڻ جي صورت ۾ سموري سنڌ جا ميئرز ۽ چيئرمينز لاڳاپيل ڊويزن ۽ ضلعن ۾ ڊولپمينٽ اٿارٽي جا چيئرمين ٿي ويندا

ڪي ڊي اي، ايل ڊي اي، ايم ڊي اي جو ايڪس آفيسڪو چيئرمين ميئر ڪراچي هوندو

سولڊ ويسٽ جا ايگزيڪيوٽو به لاڳاپيل ميئر سان مشاورت ۽ تجويز ڪيل ٽن آفيسرن مان هڪ مقرر ٿيندا

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني ادارن جي سربراهن کي بااختيار بڻائڻ جو بل سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪيو ويو آهي بل پاس ٿيڻ جي صورت ۾ سموري سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: سپر هاءِ وي تي نيو سبزي منڊي وٽ ڌرڻي سبب روڊ بلاڪ نظر اچي رهيو آهي

مون کي شادي تي 200 تولا سون مليو، ڀيڻ جي شادي تي مينهن کي به سونا ڪنگڻ پارايا ويا: فردوس عاشق اعوان

لاهور (م ڊ) استحڪام پاڪستان پارٽي جي مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري فردوس عاشق اعوان چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسرائيل وڃڻ جي الزام ۾ گرفتار 8 جوابدارن خلاف چالان عدالت ۾ پيش

عدالت طرفان گرفتار جوابدارن نعمان صديقي، ڪامل انور، ذيشان صديقي، محمد انور ۽ ڪامران صديقي جون ضمانتون رد ڪيون ويون

ملازمت لاءِ اسرائيل ويندڙ جوابدارن ۾ هڪ عورت سميت 8 ڄڻن کي جاري ويزائن ۽ فضائي ٽڪيٽن جا تفصيل اجا تائين وصول ناهن ٿي سگهيا : ايف آءِ اي

ويزائن جي تفصيلن لاءِ پرڏيهي وزارت ذريعي ڪينيا، يو اي اي، سريلنڪا ۽ اردن لاءِ خط جاري ڪيا ويا هئا

حيدرآباد (م ڊ) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) حيدرآباد جي اسپيشل اينٽي ڪرپشن جج جي عدالت ۾ اسرائيل وڃڻ جي الزام ۾ گرفتار 8 پاڪستاني شهرين خلاف چالان پيش ڪري ڇڏيو عدالت طرفان گرفتار جوابدارن نعمان صديقي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي جي سپر هاءِ وي تي ڌرڻو، هزارين گاڏيون ڦاٿل

حيدرآباد کان ڪراچي ايندڙ ٽريفڪ کي ماڊل ٽائون روڊ ملير ڪينٽ طرف موڙيو پيو وڃي

موٽرسائيڪل سوار جوابدارن ٽائرن جي دڪاندار تاج محمد ولد عبدالحق کي ڦر مزاحمت تي قتل ڪيو : مظاهرين

واقعي واري هنڌ پوليس پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون، واقعو ذاتي دشمني سبب پيش آيو آهي: پوليس

ڪراچي (م ڊ) سپر هاءِ وي تي نيو سبزي منڊي وٽ ڌرڻي سبب هزارين گاڏيون ڦاٿل آهن، پوليس موجب ڌرڻو ڦر واقعي خلاف هنيو ويو آهي ٽريفڪ پوليس موجب ڌرڻي سبب سپر هاءِ وي جا ٻئي ٽريڪ بند آهن. حيدرآباد کان ڪراچي ايندڙ ٽريفڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

عوام تي وڌيڪ بار، بجلي جي بل ۾ پي ٽي وي سان گڏ ريڊيو فيس به شامل

اسلام آباد (. ڊ) نائي واري وزارت عوام تي وڌيڪ بار وجهڻ جو فيصلو ڪري ورتو. بجلي جي بلن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

دهشتگرد ملڪ ۽ قوم جا دشمن ۽ ناقابل معافي آهن: زرداري

ڪراچي (م ڊ) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته دهشتگرد ملڪ ۽ قوم جا دشمن ۽ ناقابل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ايم پي اي عابد سندراڻي جي سئوٽ جو قتل ڪيس پروفيسر اجمل ساوند جي پائرن تي داخل

ڪراچي (م ڊ) پيپلز پارٽيءَ جي ايم پي اي عابد سندراڻي جي سئوٽ نور الاهي سندراڻي جو قتل ڪيس پروفيسر اجمل ساوند جي پائرن تي داخل ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سپريم ڪورٽ پرويز مشرف جي نااهلي خلاف داخل درخواست رد ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ اڳوڻي صدر جنرل(ر) پرويز مشرف جي نااهلي خلاف داخل درخواست رد ڪري ڇڏي آهي ڪيس جي ٻڌڻي چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس: فواد چوڌري جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ معطل

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس ۾ فواد چوڌري جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ معطل ڪري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

توهين قرآن معاملو: بغداد ۾ سوين مشتعل ماڻهن سوئيڊن جي سفارتخاني کي باهه ڏئي ڇڏي

بغداد (م ڊ) توهين قرآن جي معاملي تي عراقي گادي واري شهر بغداد ۾ سوين مشتعل ماڻهن حملو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14 ڪندي سوئيڊن جي سفارتخاني کي باهه ڏئي

عوام هوشيار ٿي وڃن! ڪالهه کان سڄي ملڪ ۾ پيٽرول پمپ بند ڪرڻ جو اعلان

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان پيٽروليم ڊيلرز ايسوسيئيشن ڊيلر مارجن نه وڌائڻ سبب 22 جولاءِ کان اڻمقرر مدي تائين پيٽرول پمپ بند ڪرڻ جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پيٽروليم ڊيلرز ايسوسيئيشن جي چيئرمين عبدالسميع خان چيو ته سرڪاري سرپرستي ۾ ايراني پيٽرول ۽ ڊيزل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

محرم الحرام، سنڌ حڪومت پابندين جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ لاءِ 9 ۽ 10 محرم الحرام تي موٽر سائيڪل جي ڊبل سواري تي پابندي لاڳو ڪئي 10 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

دادو ۾ 15 اسڪيل واري نوڪريون لاءِ سنڌ حڪومت پاران انٽرويو پاليسي خلاف احتجاج

عاشق علي جويو، نجف علي زئونر، يامين علي هنگورو، جعفر علي جمالي جي اڳواڻي ۾ ريلي

5 کان 15 اسڪيل واري نوڪريون جي لاءِ انٽرويو پاليسي ۽ گريڊنگ پاليسي ختم ڪيون وڃن: اڳواڻ

ڪنهن به صورت ۾ انٽرويو پاليسي کي نه مڃيو ويندو نوجوان جي مستقبل لاءِ جدوجهد تحت جاري رهندو

دادو (عزيزالله خاصخيلي) 5 کان 15 اسڪيل واري نوڪريون لاءِ سنڌ حڪومت پاران انٽرويو پاليسي جي خلاف دادو جي نوجوانن جو احتجاج ان موقعي تي مظاهرين عاشق علي جويو، نجف علي زئونر، يامين علي هنگورو، جعفر علي جمالي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دادو: آءِ بي اي ٽيسٽ ڏيندڙ نوجوان انٽرويو پاليسي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ميونسپل ڪميٽي خيرپور
جي سي ايم او جي بدلي
ٽين ڪانپوءِ سيٽ خالي پيل

خيرپور (رپورٽر) ميونسپل ڪميٽي خيرپور جي سي ايم او غلام قادر تنيو جي بدلي ٽين ڪانپوءِ سيٽ خالي پيل، محرم الحرام جي آمد شهر ۾ صفائي سٿرائي سميت آفيس جو ڪم رولڙي جو شڪار، شهرين پاران سينئر آفيسر ذوالفقار علي پٽو کي سي ايم او مقرر ڪرڻ جو مطالبو. تفصيل موجب ميونسپل ڪميٽي خيرپور جي اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊو محمد خان پ پ اڳواڻ رفيق وساڻ جي پٽ جي موٽر سائيڪل چوري، احتجاج

منظور وساڻ جي ڊي جي هيلٿ حيدرآباد آفيس اندران موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي

ميڊيڪل بورڊ آفيس مان ٻاهر نڪتس ته منهنجي سي ڊي موٽر سائيڪل ڪانه هئي: نوجوان

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) سينئر پ پ اڳواڻ رفيق وساڻ جي پٽ جي حيدرآباد جي ڊي جي هيلٿ جي آفيس مان سي ڊي موٽر سائيڪل 2023 ماڊل چوري پ پ اڳواڻ پاران موٽر سائيڪل واپسي ڪرائڻ جو مطالبو ڊي جي هيلٿ حيدرآباد آفيس ۾ ميڊيڪل لاءِ آفيس ويس واپسي آيس ته موٽر سائيڪل ڪانه هئي منظور وساڻ موٽر سائيڪل دي ج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڇاڇرو جي ڳوٺ ڪينسر ۾ نوجوان معصوم ڌيءَ سميت کوهه ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڪانجي ميگهواڙ پنهنجي چار سالن جي معصوم ڌيءَ سميت کوهه ۾ ٽپو زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

نوجوان زال جي قبر تي حاضري ڀرڻ کان پوءِ معصوم ڌيءَ سميت کوهه ۾ ٽپو ڏي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيو

ڪيسر پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ ڇاڇرو اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا

مٺي (رپورٽ) ڇاڇرو جي ڳوٺ ڪينسر ۾ 30 سالن جي نوجوان ڪانجي ميگهواڙ پنهنجي چار سالن جي معصوم ڌيءَ سميت کوهه ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي. خودڪشي ڪندڙ [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

مٺي: [illegible]

ٽنڊو محمد خان ۾ عمر فاروق رضه جي يوم شهادت جي سلسلي ۾ ريلي

ٽنڊوسائينداد کان پير آغا عبدالرحمان جان سرهندي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ريلي شهر جي مختلف رستن تان ٿيندي پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان تي ختم ٿي

عمر فاروق رضه جي دور ۾ خلافت ۽ امن ۽ انصاف قائم رهيو ۽ انصاف گهرن جي در تي فراهم ڪيو ويو: اڳواڻ

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽي جي آمري اسٽاپ لڳ درگاهه سخي شاهه گوهر گنج جي ڀرسان ناري مگنيڊي هٿان قتل

نوجوان نياڻي مريم ڌيءَ شفيع محمد لاسي خاصخيلي کي مگنيڊي بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو

لاش سول اسپتال مڪلي پوسٽ مارٽم لاءِ آندو ويو، جتان لاش ٺٽو پوليس ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي

ممتاز عرف الهبچايو ملاح بلاجواز چرين جا وار ڪري مريم کي قتل ڪري اسان جو گهر اجاڙي ڇڏيو آهي: وارث

ٺٽو (ب ر) ٺٽي شهر جي آمري اسٽاپ لڳ درگاهه سخي شاهه گوهر گنج جي ڀرسان رهندڙ نوجوان نياڻي مريم ڌيءَ شفيع محمد لاسي خاصخيلي کي سنڌس منگيتر ڳوٺ ٽنڊو محمد خان جي رهواسي ممتاز عرف الهبچايو ملاح چرين جا وار ڪري بيدردي سان قتل ڪري فرار ٿي ويو. جنهن جو لاش سول اسپتال مڪلي پوسٽ مارٽم لاءِ آندو ويو جتان لاش ٺٽو پوليس ضروري ڪاروائي بعد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

گهوٽڪي ۾ ايس ٽي پي پاران بدامني قبيلائي تڪرارن جي خاتمي ۽ اغوا جي وارداتن خلاف احتجاج

وڌندڙ بدامني قبيلائي تڪرارن جي خاتمي ۽ اغوا جي وارداتن خلاف سوين ماڻهن امن مارچ ڪري احتجاج ڪيو

سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي جنهن جي وڏيرا ۽ سياستدان سرپرستي ڪري رهيا آهن: مظاهرين

پوليس مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي سنڌ ۾ وڏيرن سياستدانن جو پڻ ڌاڙيلن کي آشيرواد حاصل آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) ايس ٽي پي جي سنڌ تي پارٽي جي سينئر وائيس چيئرمين جام عبدالفتح سميجو جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب کان امن ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف رستن تان گشت ڪندي پٽائي چوڪ تي پهتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

گهوٽڪي: ايس ٽي پي پاران قبيلائي جهيڙن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

گلشن حديد ويجهو ڏاٻيجي
جي رهواسي کان چور روڪ
رقم، موبائيل فون ڦرلٽ

ملير (رپورٽر) گلشن حديد ويجهو ڏاٻيجي جي رهواسي کان چور روڪ رقم، موبائيل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا حد جي پوليس جي بروقت ڪاروائي به جوابدار گرفتار، پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي ۾ فرياد تي ڪيس داخل ڪري سجاد ٿهيم تفصيل موجب گڏيل ڏينهن گلشن حديد فيز 3 ڀرسان ڏاٻيجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪراچي جي ايوب ڳوٺ بلاڪ ڊي جي رهواسين پاران ٽرانسفارمر تبديل نه ڪرڻ خلاف احتجاج

رانا وقار رائو نديم محرم علي جمالي ارشد ابڙو آصف رند اشتياق جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بجلي جي نعمت کان محروم آهن، احتجاج ڪرڻ باوجود اسان جي ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي: مظاهرين

ناقص ٽرانسفارمر جا بل هر مهيني ادا ڪري رهيا آهن پر ڪو به ٽرانسفارمر لڳائڻ لاءِ تيار ناهي: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ايوب ڳوٺ بلاڪ ڊي جي رهواسين ٽرانسفارمر تبديل نه ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو علائقي واسين رانا وقار رائو نديم محرم علي جمالي ارشد ابڙو آصف رند اشتياق جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن چيو ته ايوب ڳوٺ بلاڪ ڊي جي راڄپر ٻاڙي ۾ چئن مهينن کان ٽرانسفارمر خراب آهي، رهواسين جو چوڻ هو ته هو چئن م/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڊائريڪٽر فوڊ ۽ فوڊ ايمپلائيز فيڊريشن جي اڳواڻن ۾ ڳالهيون ڪامياب، احتجاج ملتوي

ڊائريڪٽر فوڊ امداد علي شاهه جي خاطري بعد ملازمن اعلانيل احتجاج ملتوي ڪري ڇڏيو

مسئلن ٽائيم اسڪيل، پروموشن، فوتي ڪوٽا، فنانشل اسسٽنٽ ۽ گروپ انشورنس تي ڳالهيون

ملازمن سمورا جائز مسئلا ميرٽ جي بنياد تي ڪجهه ڏينهن ۾ حل ٿيڻ شروع ٿي ويندا: امدا علي شاهه

نوشهروفيروز (د ر) ڊائريڪٽر فوڊ ۽ فوڊ ايمپلائيز فيڊريشن سنڌ جي اڳواڻن ۾ ڳالهيون ڪامياب، ڊائريڪٽر فوڊ سيد امداد علي شاهه جي خاطري بعد ملازمن پاران سيائي (اڄ) کان سڄي سنڌ ۾ اعلانيل احتجاج ملتوي ڪري ڇڏيو خبر موجب ڊائريڪٽر فوڊ سيد امدا علي شاهه ۽ فوڊ ايمپلائيز فيڊريشن سنڌ جي مرڪزي صدر جاويد يونس راڄپر، غلام مصطفى ميمڻ، خميسو خان چانڊيو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوشهروفيروز: ڊائريڪٽر فوڊ ۽ فوڊ ايمپلائيز فيڊريشن جا اڳواڻ ڳالهين بعد گڏ بيٺل آهن

ڳڙهي خيرو جي 9 يوسين لا
جاري ٿيندڙ هر مهيني بجيٽ
ڪاغذي ڪاروائي ۾ هڙپ

ڳڙهي خيرو (رپورٽر) ڳڙهي خيرو تعلقي جي 9 يوسين لا جاري ٿيندڙ هر مهيني بجيٽ ڪاغذي ڪاروائي ۾ ڪروڙين رپين هڙپ جاري ٿيا جيڪي پڙ ڪرڻ انڪشاف سيڪٽرين جا نٽ علائق واسين پاران جاچ جو مطالبو گڏيل 2 سالن کان هر مهيني ٽي يونين ڪائونسل کي 5 لک رپيا سيڪٽرين کي ملندڙ آهن 2 سالن دوران و/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر ڊيولپمينٽ الائنس جي چيئرمين جي ميزباني هيٺ مذهبي هم آهنگي لاءِ امن ڪانفرنس

مذهبي هم آهنگي ۽ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ جي لاءِ امن ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي

مڪاتب فڪر جي علماءِ ڪرام سميت سياسي، سماجي، مذهبي ۽ واپاري اڳواڻن ڀرپور شرڪت ڪئي

اسلام امن ۽ سلامتي جو دين آهي، اسلام رواداري جو درس ڏنو آهي، اسلام خير خواهي جو دين آهي: واپاري

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ڊيولپمينٽ الائنس جي چيئرمين ۽ سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ جي ميزباني ۾ محرم الحرام جي موقعي تي مذهبي هم آهنگي ۽ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ جي لاءِ امن ڪانفرنس گولڊ سينٽر آفس صراف بازار ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سڀني مڪاتب فڪر جي علماءِ ڪرام سميت سياسي، سماجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر ۾ چور پوليس کان ڏاڍا، شهري جي موٽر سائيڪل چوري

شهر ۾ پوليس جي نااهلي سبب ڏوهي وارداتن تي ضابطو ناهي اچي سگهيو

گدام مان چوري واري سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ منظر عام تي اچي وئي آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ چور پوليس کان ڏاڍا، شهري جي موٽرسائيڪل چوري، گدام مان 6 لک روپين کان وڌيڪ سامان چور کڻي ويا. خبرموجب سکر شهر ۾ پوليس جي نااهلي سبب ڏوهي وارداتن تي ضابطو ناهي اچي سگهيو، پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

موئن جو دڙو ايڪسپريس جي بحالي بعد سکر پهچڻ تي مسافرن جو استقبال

سکر پهچڻ تي ٽرين ۽ مسافرن جو سکر اسٽيشن وٽ شاندار استقبال ڪيو ويو

ڊي ايس ريلوي سکر محمود الرحمان لاکو ۽ ٻين عملدارن استقبال ڪيو، ساجهه وند شريڪ

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) موئن جو دڙو ايڪسپريس جي بحالي بعد سکر پهچڻ تي مسافرن جو استقبال. خبرموجب پاڪستان ريلوي پاران 11 مهينن بعد روهڙي کان ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن تائين هلندڙ موئن جو دڙو ايڪسپريس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر: ڊي ايس ريلوي سکر ۽ ٻيا عملدار موهن جو دڙو ايڪسپريس جو افتتاح ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ نگرپارڪر جي هندو نوجوان جئي پرڪاش اسلام قبول ڪري ورتو

نوجوان ڪپور موري جي رهواسي نوجوان ناري رخسانه سولنگي سان شادي ڪري ڇڏي

مون نالي رخسانه سولنگي سان پنهنجي مرضي سان حق نڪاح ڪيو آهي: جنيد علي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ نگرپارڪر جو هندو نوجوان جئي پرڪاش پنهنجي مرضي سان اسلام قبول ڪري ڪانيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

روهڙي جي علائقي پولڻ شاهه جي رهواسڻ پاران ننهن جي زيادتين خلاف احتجاج

منظوران پٺاڻ پنهنجي ننهن جي زيادتين خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

پٽ مون کان خرچ ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو آهي، ننهن گهر مان ئي دخل ڪرڻ چاهي ٿي: الزام

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي جي علائقي پولڻ شاهه جي رهواسڻ [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

محمد مشتاق طاهري شهيد بابا بشير خان قريشي جو بااعتماد ساٿي هو: صنعان خان قريشي

[illegible]

ڪراچي (رپورٽ) جسقم سربراهه صنعان خان قريشي [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪراچي: جسقم چيئرمين صنعان قريشي محمد مشتاق طاهري جي تيجهي تقريب ۾ اڳواڻن سان گڏ بيٺل آهي

سجاول ۾ سيدنا عمر فاروق رضه جي شهادت جي حوالي ريلي ڪڍي وئي، ڪارڪنن جي شرڪت

شهادت جي حوالي حافظ رياض ميمڻ جي قيادت ۾ هڪ وڏو مدح صحابه رضه جلوس ڪڍيو ويو

جلوس پبلڪ سجاول، پبلڪ پارڪ کان بس اسٽاپ ۽ بس اسٽاپ کان رحمت العالمين صه چوڪ پهتو

سجاول (ممتاز علي نهڙيو) سجاول ۾ ٻين محرم الحرام ٻيو خليفو حضرت سيدنا عمر فاروق رضه جي شهادت جي حوالي حافظ رياض ميمڻ جي قيادت ۾ هڪ وڏو مدح صحابه رضه جلوس ڪڍيو ويو جيڪو مسجد خالد بن وليد سجاول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٿرپارڪر ۾ برسات دوران ٽٽل روڊن جي مرمت کي جلد يقيني بڻايو وڃي: ڊي سي

برسات دوران ٿرپارڪر ۾ ٽٽل روڊن جي مرمت ۽ ڪڏن جي پرائي واري ڪم کي جلد مڪمل ڪيو وڃي

نشان بورڊن کي به درست ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته گذريل طوفاني هوائن سبب ڪافي بورڊ ڪري ويا آهن

مٺي (ب ر) ٿرپارڪر ۾ برسات دوران ٽٽل روڊن جي مرمت کي جلد يقيني بڻايو وڃي٭، ڊي سي ٿرپارڪر ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر لعل ڏنو منگي پراونشل هائي وي جي عملدارن کي هدايت ڪندي چيو ته گذريل طوفاني برسات دوران ٿرپارڪر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

مٺي: برسات جي حوالي سان ڪوٺايل اجلاس ۾ ڊي سي ۽ ٻيا عملدار شريڪ آهن

آءِ ايم ايف جو پروگرام نه ملي ها ته معاشي حالت خراب ٿي وڃي ها: شير محمد الرو

معاهدي لاءِ وزيراعظم ميان شهباز شريف پنهنجون سموريون صلاحيتون داءُ تي لڳائي ڇڏيون

گذريل حڪومتن جي غلط پاليسين سبب ملڪ بحرانن جو شڪار ٿيو آهي: (ن) ليگ اڳواڻ

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ ن سکر ڊويزن جي اڳواڻ حافظ شير محمد الرو چيو آهي ته جيڪڏهن آءِ ايم ايف جو پروگرام نه ملي ها ته ملڪ جي معاشي تباهي جو خدشو پيدا ٿي ويو هو آءِ ايم ايف لاءِ وزيراعظم ميان شهباز شريف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺٽي جي صحافي مرزا ثمر بيگ جو ڀائيٽو ڪراچي گلبرگ ۾ هٿيارٻندن هٿان ڦرجي ويو

گلبرگ واري علائقي ۾ ڪنهن ڪم سانگي ويو جتي ڏينهن ڏٺي هٿيارٻند ڦورن هٿان ڦرجي ويو

هٿيارٻند کانئس هڪ قيمتي موبائل فون ۽ هزارين روپيه روڪ رقم ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا

ٺٽو (رپورٽر) ٺٽي جي صحافي مرزا ثمر بيگ ۽ صحافي مرزا حسن بيگ جو ڀائيٽو ايليا حسن بيگ ڪراچي گلبرگ واري علائقي ۾ ڪنهن ڪم سانگي ويو جتي ڏينهن ڏٺي ڪن نامعلوم هٿيارٻند ڦورن هٿان ڦرجي ويو. نامعلوم هٿيارٻند/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهرو فيروز ويجهو ڳوٺ عبدالڪريم وسطڙو جي رهواسين پاران احتجاج جاري

غلام رسول وسطڙو قمر دين وسطڙو پيو وسطڙو آصف وسطڙو ۽ ٻيا 10 ڏينهن به احتجاج تي ويٺل

ڊاڪٽرياڻي شبانا چنا منهنجي پٽ جو ڏڙسسئي کان ڌار ڪري ڇڏيو ڏهه ڏينهن ٿي جڪا آهن: مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ: اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز ويجهو ڳوٺ عبدالڪريم وسطڙو جا رهواسي غلام رسول وسطڙو قمر دين وسطڙو پيو وسطڙو آصف وسطڙو ۽ ٻيا اڄ 10 ڏينهن به نيشنل پريس ڪلب ڀهجي بک هڙتال تي ويٺا ء /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نوشهروفيروز: ڳوٺ عبدالڪريم وسطڙو واسي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

هندو پنچائت ۽ سول سوسائٽي پاران سکر ۾ سنڌ امن مارچ، ملٽري آپريشن جو مطالبو

سوسائٽي الائينس جي زيراهتمام هندو پنچائت جي تعاون سان ريلي ڪڍي گشت ڪيو ويو

هر آئي ڏينهن معصوم ٻارڙن اقليتي برادري جي ماڻهن سميت واپارين کي نشانو بڻايو پيو وڃي: اڳواڻ

سنڌ کي پوئتي ڌڪيو پيو وڃي جا سنڌ يتيمن ۽ مسڪينن جي ڌرتي آهي سنڌ ۾ رهڻ وارا ڪرمنل آهن

سکر (امداد علي گل ڪلوڙ) هندو پنچائت ۽ سول سوسائٽي پاران سکر ۾ سنڌ امن مارچ ۾ ڌاڙيل راڄ جو خاتمو لاءِ سول سوسائٽي الائينس ملٽري آپريشن جو مطالبو ڪري ڇڏيو ان سلسلي ۾ سول سوسائٽي الائينس جي زيراهتمام هندو پنچائت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر: هندو پنچائت ۽ سول سوسائٽي پاران بدامني خلاف مارچ ڪيو پيو وڃي

سوراهه ٿاڻي جي حد چوندڪو شهر
جي نارا پمپ واري علائقي ۾
شريسندن دڪان ساڙي ڇڏيو

خيرپور (رپورٽر) چوندڪو شهر ۾ مبينا طور پتو ته ڏيڻ تان جوابدار پورهيت جي دڪان کي باهه ڏئي ڇڏي، دڪان ۾ رکيل سامان سڙي رک، متاثر دڪاندار طرفان جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪرڻ جي گهر خبر موجب چوندڪو شهر ۾ مبينا طور پتو نه ڏيڻ تان جوابدار سبزي فروش پورهيت ضمير حسين سومرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٻلڙي شاهه ڪريم ويجهو الڪلام ڪرڪيٽ ڪلب پاران لڳايل ڊي ٽورنامينٽ جو فائنل

ڪرڪيٽ ڪلب پاران لڳايل ڊي ٽورنامينٽ جو فائنل ميچ شاهين اليون ۽ بادشاهه اليون جي وچ ۾ ٿي گذريو

اوورن ۾ بادشاهه اليون کي 169 رنسن جو هدف ڏنو جڏهن ته بادشاهه اليون جا رانديگر ط 148 رنسون ٺاهي سگهيا

ٽنڊو غلام حيدر (ن س) ٻلڙي شاهه ڪريم ويجهو الڪلام ڪرڪيٽ ڪلب پاران لڳايل ڊي ٽورنامينٽ جو فائنل ميچ ٿي گذريو ڳوٺ سعيد خان لنڊ ۾ الڪلام ڪرڪيٽ ڪلب پاران لڳايل ڊي ٽورنامينٽ جو فائنل ميچ شاهين اليون ۽ بادشاهه اليون جي وچ ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ شاهين اليون ٽاس کٽي پهرين بيٽنگ جو فيصلو ڪيو رانديگرن بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز ۾ پلاٽ جي تڪرار ۾ زخمي ٿيل فوجي جوان فوت ٿي ويو، قومي شاهراهه تي ڌرڻو

پلاٽ جي تڪرار تان جوابدارن جي حملي ۾ زخمي ٿيل فوجي جوان زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنو

ڳوٺ ڪوڙو خان لاشاري ۾ جوابدارن فائرنگ ڪري زخمي ڪيو هو، نوابشاهه جي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

پوليس ڪيس ۾ نامزد 5 جوابدارن کي وڏي رشوت وٺي گرفتار ڪرڻ بعد آزاد ڪري ڇڏيو، انصاف جي گهر

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پلاٽ جي تڪرار تان جوابدارن جي حملي ۾ زخمي ٿيل فوجي جوان زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنو [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز: ڳوٺ ڪوڙو لاشاري واسي قتل ٿيل نوجوان جو لاش رکي احتجاج ڪري رهيا آهن

پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن
آپڪا ضلعي ٺٽي جي صدر پاران
احتجاجي مظاهرو

ٺٽو (رپورٽر) آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن آپڪا ضلعي ٺٽي جي صدر محمد اشرف [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض علي چانڊيو جاڪرو ۾ برفت ۽ پالاري برادري وٽ پهتو

مرڪزي اڳواڻ عامر عمراڻي ۽ ضلع صدر ٺٽو امجد شورو سان گڏ ڳوٺ صوفن جاڪرو ۾ دورو ڪيو

پوليس جي ڏاڍ ذريعي ڪوهستان ۾ زمين تي غير قانوني قبضو ڪيو پيو وڃي: رياض علي چانڊيو

زمينون وڪرو ڪري سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ٿا ڪن، هي ڏاڍ جو نظام اسان کي قبول ناهي: ڳالهيون

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض علي چانڊيو، مرڪزي اڳواڻ عامر عمراڻي ۽ ضلع صدر ٺٽو امجد شورو سان گڏ ڳوٺ صوفن جاڪرو ۾ جاکرا، برفت ۽ پالاري برادري وٽ پهتو زخمين جي عيادت ڪئي وڌي، ان موقعي تي چيئرمين جيئي سنڌ محاذ ڳالهائيندي چيو ته حڪومتي سرپرستي ۽ پوليس جي ڏاڍ ذريعي ڪوهستان ۾ زمين تي غير ق/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس دادو ۾ صوبائي محتسب اعليٰ جي هدايت تي کلي ڪچهري منعقد

ريجنل ڊائريڪٽر نادر علي جمالي ۽ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر دادو حسن جان چنگيزي ڪچهري ڪئي

فنڊن جي کوٽ سبب ڪميوٽيشن ۽ ايل پي آر تمام گهڻا پئيڊ نگ ۾ آهن، هر شخص پئسا چاهي ٿو: عملدار

ڊيڍ ارب کان وڌيڪ ملازمن جا بل موجود آهن جيڪي 500 کان وڌيڪ ماڻهن کي ادا ڪرڻا آهن: ميڊيا سان ڳالهيون

دادو (عزيزالله خاصخيلي) ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس دادو ۾ صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ ۽ اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ جي خاص هدايتن تي محتسب اعليٰ جو ريجنل ڊائريڪٽر دادو نادر علي جمالي ۽ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر دادو حسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دادو: صوبائي محتسب اعليٰ کليل ڪچهري ۾ شهرين جون شڪايتون ٻڌي رهيو آهي

ڪنڊيارو شهر جي
شهباز ڪالوني جو ٽرانسفارمر
هڪ هفتي کان سڙيل

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو شهر جي شهباز ڪالوني جو ٽرانسفارمر هڪ هفتي کان سڙيل رهواسين جو احتجاج ٽرانسفارمر خراب هجڻ سبب سخت گرمي ۾ رهواسي بجلي کان محروم آهن وس وارا نوٽس وٺي ٽرانسفارمر تبديل ڪن احتجاج ڪندڙ ڪنڊيارو شهر جي شهباز ڪالوني جو ٽرانسفارمر هڪ هفتي کان خراب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سائيٽ سپر ٿاڻي جي حد بسم الله مارڪيٽ ۾ ٽائر جي دڪان تي هٿيارٻندن پاران احتجاج

اڻڄاتل هٿيارٻندن فائرنگ ڪري همراهه کي قتل ڪري ڇڏيو، وارثن لاش کڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

پوليس پنهنجو ڪردار ادا نه ٿي ڪري هتي علائقي ۾ ڌوهارين ترتپائي ڇڏيو آهي، قتل معمول بڻيل آهن: وارث

نيو سبزي منڊي ڀرسان بسم الله مارڪيٽ ۾ ٽائر جي دڪان تي اڻڄاتل هٿيارٻندن فائرنگ ڪري ڏني: پوليس

ڪراچي (باغي ساگر ڀنور) سائيٽ سپر ٿاڻي جي حد بسم الله مارڪيٽ ۾ ٽائر جي دڪان اڻ ڄاتل هٿيارٻندن جي تي فائرنگ فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو قتل ٻيو زخمي واقعي بعد وارثن لاش کڻي روڊ بلاڪ ڪري ٽريفڪ جام ڪري ڇڏيو جتي نعريبازي ڪئي وي روڊ 5 ڪلاڪن تائين بند رهڻ سبب حيدرآباد ۽ ڪراچي طرف ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دڙو ۾ مهانگائي جو جن بوتل مان ٻاهر نڪري آيو، ڪڻڪ سميت سبزين جا ريٽ چوٽ چڙهيل

پيٽرول جي اگهن ۾ واضع ڪمي باوجود روزمرهه جي ڪاڌي پيتي شين ۾ ڪا به لاٿ نه ٿي سگهي

شهر سميت ڀرپاسي مهانگائي جي ڪاري طوفان غريب طبقي جي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو

دڪاندارن پاران پنهنجا مصنوعي اگهه قائم ڪندي اٽو، ڪڻڪ، چانهه جي پتي جي اگهن ۾ اچانڪ اضافو ڪري ڇڏيو

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ مهانگائي جو جن بوتل مان ٻاهر نڪري آيو، پيٽرول جي اگهن ۾ واضع ڪمي باوجود روز مره جي ڪاڌي پيتي شين ۾ ڪا به لاٿ نه ٿي سگهي، اٽو، دال، گهي، ڪڻڪ سميت سبزين جا ريٽ آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا، غريب طبقي جا ماڻهون هڪ ويلي لاءِ پريشان، وڌندڙ مهانگائي سبب غريب پورهيت خودڪشي ڪرڻ تي مجبور، تفصيل موجب سڄي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دڙو: ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي جي حوالي سان شهري پنهنجا ويچار ونڊي رهيا آهن

جيڪب آباد سماجي تاج ويلفيئر
ايسوسيئيشن پاران يونيورسٽي جي
معاملي تي ڀرپور موٽ

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد سماجي تاج ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران "جيڪب آباد کي يونيورسٽي ڏيو" هلايل مهم کي شهرين پاران ڀرپور موٽ...! شهرين سميت مختلف برادرين، سماجي تنظيمن، ڪاروباري طبقي "جيڪب آباد کي يونيورسٽي ڏيو" جا پينافليڪس شهر جي مختلف چوڪن چوراهن تي لڳرائي ڇڏيا. خبر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوشهروفيروز ۾ لائيواسٽاڪ کاتي پاران ڪيرڻ ۽ گوشت جي واڌاري لاءِ ونڊي ڏيڻ جي تقريب

متاثرن مالوندن کي چوپائي مال جي واڌ ويجهه ڪيرڻ ۽ گوشت جي واڌاري لاءِ ونڊي جي تقريب ٿي

کاتي جي عملدارن چونڊيل نمائندن سان گڏ ٻنهي يوسين جي ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

لائيواسٽاڪ کاتو مالوندن جا اهڃ دور ڪرڻ ۽ کين سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ پيش پيش رهيو آهي: عملدار

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڀريا سٽي ۾ لائيواسٽاڪ کاتي نوشهروفيروز (ايف اي او) (سي اي آر ايف) ۽ سانگهڙ جي تحت ڀريا سٽي جي 2 يوسيز دالي ۽ ڪاهي قاسم ۾ برسات متاثرن مالوندن کي چوپائي مال جي واڌ ويجهه ڪيرڻ ۽ گوشت جي واڌاري لاءِ مفت ونڊي ڏيڻ جي تقريب، لال باغ ڀريا ۾ ٿيل تقريب ۾ مختلف اين جي اوز اڳواڻن سميت لائيواسٽاڪ کاتي جي عملدارن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمعو 21 جولاءِ 2023ع

عقل کان عاري، ڏاهپ کان ڏور فيصلا

حڪمراني دلچسپيءَ جو نالو ڪونهي، نه ئي ڪرتب بازيءَ جي ڪا ڪرت آهي. تاريخ ۾ توڙي جو گهڻا مهذب، انصاف پسند، مدبر ۽ ڏاها حڪمران ٿي گذريا آهن. جن جو ذڪر درٻاري مورخن وٽ پلي نه به ملي پر عوامي تاريخ انهن جي تذڪري سان ڀريل آهي. پر الميو اهو آهي ته اسان وٽ تقليد وري اهڙن بادشاهن جي ٿيندي رهي آهي، جن جا اڪثر عمل شهرت ۽ نمائش لاءِ ئي هوندا آهن. هو بهو حرڪتون ڪٿي اهڙيون نه به هجن پر انهن جي حڪمرانيءَ ۾ اهڙو پرتوو ضرور نظر ايندو آهي. عوام کي انهن جي حڪمرانيءَ مان فلاح ڪٿي ميسر نه به هجي، پر وندر ضرور ميسر ٿيندي آهي. ڪڏهن اهي مينهون پالي خوشحاليءَ جي خواب کي ساڀيان بنائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جو انهن کي پڪ هوندي آهي ته ملڪ جي تقدير مينهون بدلائي سگهن ٿيون. ڪن وٽ وري اهو ڪريڊٽ ڪڪڙين کي ملندي نظر اچي ٿو. ڪن کي اهو ويساهه آهي ته لنگرخانا کولي، "سياسي خانقاهي ڪلچر" اپنائڻ سان بک ۽ بدحاليءَ مان ڇوٽڪارو ممڪن آهي ۽ سنڌ جو گورنر وري تندور سان تبديليءَ جو نادر نسخو ڪٿي آيو آهي. جيڪو صرف ڪراچيءَ لاءِ آهي. موصوف جو چوڻ آهي ته شروعات ۾ ڪراچيءَ ۾ تندورن جو تعداد 300 هوندو ۽ اها ڦڪي فرق ڪري ٿي ته اهو تعداد هڪ هزار تائين وڌايو ويندو.

اسان جي "بادشاهن" وٽ اڪثر اهڙا عمل ۽ سرگرميون نظر اينديون آهن. جن مان عوام کي فلاح جي سُرڪي سَري يا نه به سَري پر شهرت ۽ واهه واهه ضرور ٿئي. اهي قدم جتادار ترقيءَ لاءِ نه هوندا آهن. سڄي سنڌ جي ماڻهن کي فائدو تڏهن ٿيندو، جڏهن اتي جو اگهه گهٽ ڪيو ويندو. پر صرف گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ تندورن رستي ماني مهيا ڪرڻ سان ڪيترن ماڻهن کي فائدو ٿيندو؟ گورنر موصوف اڳ ۾ به "عدل جهانگيري" جي تقليد ڪندي گورنر هائوس ٻاهران جيڪا انصاف جي گهنٽي لڳائي هئي، ان وسيلي ڪيترن ماڻهن کي انصاف فراهم ڪيو ويو؟ مغل بادشاهه جهانگير جي "زنجيرِ عدل" ان لاءِ هئي ته بادشاهه کي آگاهي ملي سگهي ته سندس سلطنت ۾ ڪنهن تي ظلم ٿيو آهي. هن دور ۾ ان "زنجيرِ عدل" کان وڌي اثرائتو ذريعو سوشل ميڊيا ۽ سڌ سماءَ جا ذريعا آهن. ڪنهن جي هٿ جي رسائي "زنجيرِ عدل" تائين نٿي ٿئي ته ان جو مطلب اهو آهي ته ديس ۾ سڀ سُک چين آهي. هن دور ۾ سماعت ۽ بصارت کان محروم گهنڊڻين جي ضرورت نه آهي. جڏهن استادن جو ڪراچي جي روڊن تي رت وهائي کين گرفتار ڪيو پئي ويو ته اها خبر ميڊيا جي گهنٽيءَ جي ذريعي گورنر هائوس تائين نه پهچي سگهي؟ هاڻي وري تندورن سان شهرت جي ايورسٽ سر ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. ڳالهه صرف گورنر سنڌ جي ئي ناهي، اها ته نموني جي مُٺ مان خرار جي پرک جي ڪسوٽي آهي. مجموعي طور تي سيني جو انداز اهوئي آهي. مطلب ته حڪمرانيءَ جو "نصاب" ساڳيو آهي. ديس جي ترقي ۽ عوام جي خوشحالي شايد ئي ڪنهن جي ترجيح هجي! سنڌ جو هڪ حصو ڊيلٽا ۾ پاڻي نه ڇڏڻ سبب سمنڊ ڳڙڪائي ويو آهي ۽ اڃا به اهو عمل جاري آهي. هڪ حصو پنجاب جي زهريلي پاڻيءَ سبب ڏٻڻ ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. جيڪو ڀاڱو بچي ٿو، اهو بلڊر مافيا ڳڙڪائيندي وڃي. پر اسان خودفريبيءَ ۾ حقيقت کي مڃڻ لاءِ تيار ناهيون. ان ڪري ئي اسان تي ڪڏهن ڪهڙا تجربا ٿا ٿين ته ڪڏهن ڪهڙا ناياب نسخا آزمايا ٿا وڃن!

هي ملڪ مسئلن جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي چڪو آهي. بحرانن مٿان بحران قطارون ڪري بيا اچن. حڪمران عوام جو ڌيان انهن حقيقي مسئلن تان هٽائي انهن کي نان اشوز ۾ الجهائيندا پيا وڃن. ان سان عوام جي اهڙي حالت ڪئي وئي آهي، جنهن جي پروڙ لطيف سرڪار جي ان سِٽ "ڏيئي ڏنب ڏڏن. پاٽان ڏيل ڏڪوئيو" مان پئجي سگهي ٿي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ماڻهن کي نان اِشوز ۾ الجهائي ۽ پنيلائي نمائشي قدمن واري لولي پاپ ڏيڻ بدران انهن جا حقيقي مسئلا حل ڪيا وڃن. ياد رکڻ گهرجي ته عوام جي ٻانهن ۾ ڇتَ ڀَڃَڻ سان هٽڻ جيترو ٻل موجود آهي.

وزير اعظم کي سي سي آءِ اجلاس جي ضرورت ڇو پيش آئي؟

ايم بي سومرو

حڪومتي اتحاد ۾ شامل اهم پارٽين وچ ۾ 8 آگسٽ 2023ع تي قومي اسيمبلي توڙڻ تي اتفاق ٿيو آهي. قومي اسيمبلي جي مدت مڪمل ٿيڻ کان هڪ رڳو چار ڏينهن اڳ ان ڪري توڙڻ جي رٿابندي ڪئي پئي وڃي ته جيئن عام چونڊون ٽن مهينن اندر ڪرائي سگهجن. اگر اسيمبلي 12 آگسٽ تائين مدت پوري ڪري ٿي ته 60 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻيون پونديون. جيڪي آڪٽوبر مهيني جي ٻئي هفتي تائين دير ۾ ڪرائي سگهجن ٿيون. اگر وقت کان اڳ اسيمبلي توڙي وئي ته پوءِ چونڊون نومبر جي ٻئي هفتي تائين ٿي سگهن ٿيون. مونکي معلوم نه آهي ته حڪمران اتحاد کي 60 ڏينهن ۾ چونڊون ٿيڻ ۾ اهو ڪهڙو سياسي فائدو آهي. جيڪو ملندي محسوس نه ٿي رهيو آهي ۽ ان فائدي لاءِ کين 90 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائڻ ضروري لڳي رهيو آهي. مامرو پلي کهڙو به هجي پر تاريخ ۾ اهو لکيو ويندو ته 2018ع جي چونڊن جي نتيجي ۾ قائم ٿيل پنجاب ۽ ڪي پي ڪي اسيمبلين کي عمران خان پنهنجي سياسي فائدي لاءِ توڙائي ڇڏيو ۽ ائين قومي اسيمبلي، سنڌ ۽ بلوچستان اسيمبلي کي نواز ليگ، پي پي پي ۽ پي ڊي ايم ۾ شامل پارٽين پنهنجي سياسي فائدي لاءِ مدت پوري نه ڪرڻ ڏني. ملڪي تاريخ ۾ 1970ع، 1985ع، 1988ع، 1990ع، 1993ع، 1997ع جي عام چونڊن جي نتيجي ۾ قائم ٿيل اسيمبلين مدت پوري نه ڪئي. ٻهريون ڀيرو پرويز مشرف جي ڇتيءَ هيٺ ٿيل 2002ع جي چونڊن جي نتيجي ۾ قائم اسيمبلي پنج سال پورا ڪيا. ان بعد جمهوري دور ۾ ٻهريون ڀيرو 2008ع جي عام چونڊن بعد قائم ٿيل اسيمبلي مدت پوري ڪئي. اوهان کي ٻڌايان ته ان اسيمبلي جي مدت پوري ڪرائڻ لاءِ تڏهوڪي صدر آصف زرداري ان شخص پرويز الاهي، جنهن تي بينظير ڀٽو قتل ڪرائڻ جو شڪ ظاهر ڪيو هو، ان ۽ ان جي پارٽي 'ق' ليگ، جنهن کي پيپلزپارٽي قاتل ليگ قرار ڏئي چڪي هئي، کي حڪومت ۾ شامل ڪري پرويز الاهي کي ڊپٽي وزير اعظم جو عهدو ڏنو هو. 2013ع جي چونڊن جي نتيجي ۾ قائم اسيمبلي جي خاتمي لاءِ عمران خان ۽ طاهر قادري طاقتور ڌرين جي آشيرواد سان ڌرڻو هنيو هو پر پيپلزپارٽي اسيمبلي کي بچائڻ لاءِ حڪومت سان گڏ بيهي رهي، ان ڪري ڌرڻي وارن جو پلان اي، پلان بي به ناڪام ٿي ويو هو پر 2018ع جي چونڊن جي نتيجي ۾ قائم ٿيل اسيمبلي کي مدت پوري ڪرڻ ڏيڻ جي جمهوري تاريخ لکرائڻ بجاءِ جمهوريت جون پاڻ کي چيمپيئن تصور ڪندڙ پارٽيون وقت کان اڳ ختم ڪرڻ جي مامري تي اتفاق ڪري رهيون آهن. جيتوڻيڪ وقت کان اڳ اسيمبلي ٽوڙڻ جو باضابط اعلان نه ٿيو آهي ۽ 8 آگسٽ تي اسيمبلي توڙڻ تي اتفاق ڪرڻ وارين خبرن جي سڌ سماءَ جي وفاقي وزير مريم اورنگزيب ترديد به ڪري چڪي آهي پر موجوده حڪومت جي اهم اڳواڻن مان خواجه آصف ۽ ٻيا اسيمبلي جي وقت کان ٽٽڻ جا امڪاني بيان ڏئي رهيا آهن. خير هاڻي ان حوالي سان ٿيندڙ رٿابندي مٿان پردو لهڻ ۾ گهڻي دير نه لڳندي، جلد مامرو ڇٽو ٿي سامهون اچي ويندو. چو ته الوداعي اجلاس لاءِ قومي اسيمبلي جو اڄ خميس ڏينهن اجلاس به ٿيڻ جو امڪان آهي پر ملڪ اندر ٿيل نئين ڊجيٽل آدمشماري بابت جيڪي مامرا سامهون اچي رهيا آهن. اهي مامري کي نه رڳو منجهائي رهيا آهن پر ڳنڀير به بنائي رهيا آهن. چيو وڃي ٿو ته وزير اعظم گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) جو اجلاس 25 جولاءِ تي طلب ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. اهو فيصلو وزير اعظم ڇو ڪيو آهي؟ ان مامري تي اچڻ کان اڳ اوهان کي ٻڌايان ته شهباز شريف جي سربراهي ۾ 11 اپريل 2022ع تي قائم وفاقي حڪومت کي لڳ ڀڳ ڏيڍ سال ٿيو آهي. آئين تحت گهٽ ۾ گهٽ نوي ڏينهن ۾ سي سي آءِ جي هڪ اجلاس ڪرڻ جي آئيني ذميواري کي پورو ڪرڻ لاءِ ڏيڍ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ هن وقت تائين 6 سي سي آءِ جا اجلاس ٿي وڃڻ گهرجن ها پر وزير اعظم شهباز شريف کي اها آئيني ذميواري پوري ڪرڻ جو خيال ئي نه رهيو. ان ڪري هن وقت تائين 6 اجلاس ته پري جي ڳالهه پر هن حڪومت ۾ هڪ اجلاس به نه ٿي سگهيو آهي. مزي جي ڳالهه اها آهي ته وزير اعظم کي ته سي سي آءِ جو اجلاس طلب ڪرڻ جي ضرورت ئي محسوس نه ٿي پر ان صوبي سنڌ ۽ بلوچستان کي به سي سي آءِ جو اجلاس نه ٿيڻ وارو عمل نه آئين جي خلاف ورزي محسوس ٿيو. نه ئي سي سي آءِ جو اجلاس نه ٿيڻ سبب التوا ۾ پيل اهم امرا ئي ياد آيا. سنڌ ۽ بلوچستان صوبي کي گيس پيداوار ڏيڻ تي ان گيس جي استعمال تي پهريون حق تسليم نه ٿيڻ، پاڻي جي ورچ ته رخي فارمولي تي ٿيڻ سوڙو اهم نوعيت سي سي آءِ ۾ التوا هيٺ آهن پر آئيني طور سي سي آءِ جو اجلاس طلب ڪرائڻ جو اختيار هجڻ باوجود نه سنڌ جي وڏي وزير، نه ئي بلوچستان جي وڏي وزير کي ئي ان جي ضرورت محسوس ٿي. ان ڪري انهن سي سي آءِ جو اجلاس طلب ڪرائڻ جي درخواست ڏيڻ جي به زحمت نه ڪئي. سوال هي آهي ته حڪومت جي آخري ڏينهن ۾ وزير اعظم شهباز شريف کي سي سي آءِ جو اجلاس ڇو ياد اچي ويو آهي؟ چوندا آهن ته ڪاروباري شخص جڏهن ڪُتندو يعني پوئتي ٿيندو آهي ته بنديون کوليندو آهي. ظاهر آهي وزير اعظم کي ڪا ته ضرورت پئجي وئي آهي، جو ان کي سي سي آءِ اجلاس طلب ڪرڻو پئجي رهيو آهي. چون ٿا ته وزير اعظم سي سي آءِ جو اجلاس نئين ٿيل ڊجيٽل آدمشماري جي انگ اکرن تي غور ۽ انهن نتيجن جي منظوري لاءِ گهرائي رهيو آهي. اگر ٿيل آدمشماري جي منظوري ڏئي ان جي انگ اکرن کي سرڪاري طور استعمال ڪرڻ لاءِ نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو ته پوءِ ملڪ اندر عام چونڊون ٿيڻ وارو مامرو بند گهٽي ۾ هليو ويندو ان فيصلي جا اثر ته ٻيا به ڪوڙ سارا ٿيندا پر نئين آدمشماري کي هن وقت لاڳو ڪرڻ سان وڏي ۾ وڏو مسئلو نئين آدمشماري جي انگ اکرن جي حساب سان صوبن جون قومي اسيمبلي ۾ سيٽون طئه ڪرڻ لاءِ آئين ۾ ترميم جو ٿيندو. چو ته پي ٽي آءِ ميمبرن جي استعيفا بعد هن وقت قومي اسيمبلي ۾ آئين ۾ ترميم لاءِ گهربل به ڀاڱي ٽي جي اڪثريت جيترا 228 ميمبر موجود ئي نه آهن ۽ آئين واضح آهي ته جيڪا آدمشماري چونڊ کان اڳ نوٽيفاءِ ٿيل هوندي، ان جي انگ اکرن تي چونڊون ڪرائڻ لازمي آهي. ان ڪري سي سي آءِ جي اجلاس بعد اگر نئين آدمشماري جي منظوري ڏئي ان کي نوٽيفاءِ ڪيو ويو ته پوءِ چونڊون آئين ۾ ترميم ڪانسواءِ نه ٿي سگهنديون، چو ته ان لاءِ آئين ۾ ترميم ضروري آهي، جنهن آئيني ترميم منظور ڪرائڻ جيترا ميمبر ئي هن وقت اسيمبلي ۾ نه آهن. ان ڪانسواءِ اگر چونڊون ٿيون ته انهن تي قانوني سوال پيدا ٿي ويندا. اهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ سان مامري کي بند گهٽي مان نڪرڻ لاءِ سپريم ڪورٽ ڏي وڃ ۾ اچڻو پوندو پر ان باوجود سوال اهو پيدا ٿيندو ته سپريم ڪورٽ ڇا آئين ۾ نئين آدمشماري تحت جڙندڙ سيٽن کي شامل ڪرڻ ڪانسواءِ سيٽون وڌائي چونڊ ڪرائڻ جي هدايت ڏئي سگهي ٿي؟ مطلب ته سي سي آءِ جي اجلاس ۾ نئين آدمشماري جي منظوري ۽ ان جي انگن اکرن تي چونڊون ڪرائڻ جي فيصلي سان چونڊن کي ديرجو شڪار ڪرڻ لاءِ رستو هموار ٿي سگهي ٿو. ظاهر آهي انهن اثرن جو حڪومت کي چڱي ريت معلوم هوندو. ان باوجود سي سي آءِ جو ان اجلاس گهرائڻ سوال پيدا ڪري ٿو ته سوال ته پنجاب ۽ ڪي پي ڪي صوبن جون چونڊيل حڪومتون موجود نه هجڻ باوجود سي سي آءِ جو اجلاس طلب ڪري نگران وڏن وزيرن کي ويهاري فيصلا ڪرڻ واري انداز تي به پيدا ٿين ٿا. ڇا چونڊ ڪرائڻ لاءِ مقرر وڏن وزيرن کي صوبن جا بنيادي فيصلا ڪرڻ جو اختيار آهي؟

خير ڏسجي ته سي سي آءِ جي اجلاس ۾ ڇا ٿو ٿئي، باقي ڪالهه اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي پرنسپل سيڪريٽري اعظم خان پاران جيڪو بيان رڪارڊ ڪرايو ويو آهي، اهو مامرو ٻڌائي پيو ته عمران خان جو گهيرو تنگ ٿيڻ وڃي رهيو آهي. شايد نگران حڪومت جي نگراني ۾ عمران خان کي جيل ياترا به ڪرڻي پوي. عمران خان سان ايندڙ ڏينهن ۾ ڇا ٿيندو؟ ان مامري تي سيني جو ڌيان ۽ نظرون آهن.

ساٿر صِحتَ سُپرِين، آهي نه آزارُ:
مجلسَ وِيرَ مِنو ٿئي، ڪوڙيندي قهارُ:
خَنجرُ تنهن خُوب هٽي، جنهن سين ٿئي يارُ:

سارس ڪرين ۽ مظهرالاسلام!

اشفاق آذر

توهان جيئن جيئن ڪتاب پڙهندا ويندئو توهان تي حيرت انگيز داستان گوئي جو جهان ڪلندو ويندو. ايئن لڳندو ڄڻ توهان هڪ ٽائيم مشين ۾ هجو ۽ پکيءَ وانگر زمانا لتاڙيندا گذريل صدين جي تهن ۾ لهندا ٿا وڃو هي ذڪر آهي اردو جي بيحد اديب مظهرالاسلام جي تازو شايع ٿيل ناول "سارس ڪرين اپني خوابون مين سي اڙ ڪرجا چڪي هين" جو! هن ناول اردو ادب ۾ ناول نگاريءَ جا سمورا پراڻا بت ٽوڙي ڇڏيا آهن. مظهرالاسلام پاڻ چوي ٿو ته هي روايتي ناولن جي سانچن کي رد ڪندڙ ايجادي ناول آهي. مظهرالاسلام جڏهن پهريون ناول "محبت مرده ڦولون ڪي سمفني" لکيو هو ته اهو جماليات فڪر ۽ فن جي اصولن تي لکيو ويو هو اهو ناول محبت جي جذبي کي بيهر تازو ڪرڻ ۽ محبت کي نئين سر محسوس ڪرڻ لاءِ لکيو ويو هو. انهيءَ ناول جو موضوع محبت، انتظار، موت ۽ جدائي هو پر هي ناول اردو ادب جو پهريون ٽائيم ٽريول ناول آهي.

هي ناول هڪ ناسٽيلجيا به آهي، پر مظهرالاسلام هن ناول ۾ حقيقت، فينٽيسي، ٽائيم ٽريول ۽ سريئلزم کي ملائي ان جي مٿان رومانوي چادر وڇائي ڇڏي آهي. ان ڪري هي ناول پنهنجي هيئت ۾ طلسماتي سحرانگيزي جو گمان ڇڏي ٿو. هو چوي ٿو ته هر انسان جي اندر ۾ هڪ پکي هوندو آهي ۽ هي هڪ اهڙي ئي پکيءَ جي عشق جو داستان آهي. جنهن جو مرڪزي ڪردار هڪ سارس پکي آهي. اهو سارس پکي جيڪو 21هين صدي مان نڪري سفر ڪندو 18هين صدي ڏانهن وڃي ٿو جتي "آشيانهءِ وفا" نالي بستي ۾ هن جي قبيلي جا ڪيترائي سارس هن جي واپسي جو انتظار ڪري رهيا آهن. مظهرالاسلام سارس پکي ئي ڇو پنهنجي ناول لاءِ چونڊيو؟ ان لاءِ توهان کي سارس پکي جي باري ۾ ڄاڻڻ ضروري آهي. هو ناول ۾ لکي ٿو ته "سارس ڪرين صرف هڪ پيرو محبت ڪندا آهن اها هنن جي پهرين ۽ آخري محبت هوندي آهي. پکين جي ماهرن ۾ اتفاق آهي ته سندن محبت سچي، مڪمل ۽ ابدي هوندي آهي. شهنشاهه جهانگير کي هن پکيءَ جي عاشقاڻي پرستش ان وقت حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو جڏهن هن ڏٺو ته هڪ سوڳوار سارس ڪرين پنهنجي مئل محبوب جا هڏا به ڇڏڻ لاءِ تيار ناهي. اهو سارس ڪرين پاڻ به ڪمزور ۽ موت جي ويجهو هو جڏهن هن کي سندس محبوب جي باقيات تان هٽايو ويو ته خبر پئي ته هن جي ڇاتيءَ کي جيئن ڪوڪلو ڪري ڇڏيو هو. سارس ڪرين کي وفا جي علامت سمجهيو ويندو آهي. قديم ترين قصن ۾ سارس ڪرين خوشبختي، ڊگهي ڄمار ۽ جنت جي بشارت سمجهيا ويندا آهن. سنڌ جا ملاح ٻيڙين ۾ سنئي سنئوڻ تحت سارس ڪرين جا مجسما ناهي لڳائيندا هئا ته جيئن هو کليل ٻاٽين ۾ پکيءَ وانگر پرواز ڪري سگهن." ايئن ٿي مظهرالاسلام جي اندر به هڪ پکي آهي ۽ اهو سارس پکي آهي. سارس جو ذڪر توهان کي سندس پهرين ناول "محبت مرده ڦولون ڪي سمفني" ۾ به ملندو ته هن جي ٻين ڪهاڻين ۾ به توهان کي نظر ايندو اهو سارس جيڪو ڪونج جي نسل مان آهي. جيتوڻيڪ ڪونج پکي ته اڃان به هتي اچي ٿو پر پاڪستان ۾ آخري ڀيرو 2012ع ۾ سنڌ جي ننگرپارڪر ۾ سارس جو جوڙو نظر آيو هو ان کانپوءِ اهو ڪٿي نظر نه آيو وائلڊ لائيف وارا چون ٿا ته ان کي هتان لڏائڻ وارا شڪاري آهن. هاڻ هي پکي ڀارت ۾ ته جام آهي پر پاڪستان ۾ ناهي. ٿر ۾ جيئن ڪونج کي ڳايو ويو آهي، تيئن ئي سارس کي به ڳايو ويو آهي.

راتين سارس ٻوليس، دريا پرلي ڍنگ،
مين سُتوڙي ساڄن سارين ارڳت به ڳئي انگ

(رات دريا پار سارس ٻولي پيو ستي ۾ ساڄن جي سار آئي ته ڇڻ ڪارائي سان انگ وڃي ويا).

راتين سارس ٻوليس، ٽولي ٽولي ٽيس
ستوڙي ساڄن ساريو مين اڏي پانگي ايس

(رات سارس ٽولين ٽولين ۾ ٻوليو پئي، ستي ۾ ساڄن سار آئي ته ڇرڪ سان ڪٽ جي ٻانهين پڃي پئي).

مظهرالاسلام انهيءَ سارس پکي (جيڪو انسان مان پکيءَ جو روپ ڌاري ٿو) وسيلي 21هين صدي مان نڪري 18هين صدي ڏانهن سفر ڪري ٿو جتي سندس محبوبہ انتظار ڪري رهي آهي. هو 21هين صدي کي شاطر نگهن، اقتدار پرستن، واعدي فروشن، ناانصافين ۽ ڪوڙ جو سپرمارڪيٽ ۽ مرده صدي قرار ڏئي ٿو ۽ ان کي ٻهروپين جي ڊڪشنري ڪوٺي ٿو انهيءَ ڊگهي سفر دوران هو ڪيترن ئي زمانن، شهرن مان سفر ڪري ٿو ۽ اتي جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، عادتن ۽ ذهني روين بابت آگاهه ڪري ٿو ان لاءِ هو مختلف استعارا استعمال ڪري ٿو جيئن تند ۾ پڌل شهر جتي ماڻهو هر ڪم ستي ستي ڪن ٿا. جيئن اپاهجن جو شهر جتي هر ماڻهو بيساکين سهاري هلي ٿو اتي طبقاتي سڃاڻپ به بيساکين وسيلي ڪئي وڃي ٿي. جيڪو جيترو امير آهي، سندس بيساکيون اوترئي هيرا جواهر جڙيل هجن ٿيون. يا جيئن هڪ اهڙو شهر، جتي منصف ريٽائرڊ ٿيڻ کانپوءِ چريا ٿي ويندا آهن.

مظهرالاسلام کي 19هين صدي سادي، آسان، راحت انگيز، محبت ڀري لڳي ٿي، جتي انسان جي عظمت جو قانون نافذ هو. ماڻهون پنهنجي ٻارن کي ڪوڙ جي لعنت کان پري رکڻ لاءِ چوندا هئا ته "جيڪو ٻار ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، ان جي مٽي تي سڱ نڪري ايندا آهن". ان ڪري 19هين صدي جا ٻار جڏهن به ٻهاني بازي ڪندا هئا ته پاڻمرادو سندن هٿ مٿي ڏانهن کڄي ويندا هئا ته ڪٿي سڱ ته نه نڪري آيا آهن. اها ڪتابن ۽ لائبريرين جي صدي هئي. هو عظيم شاعر گارشيا لورڪا کان ويندي موزارٽ، پابلو نيرودا کان ويندي ورجينيا وولف ۽ گارشيا مارڪيز کان عظيم سريئلسٽ مصور ريني ماگريٽ تائين جا پکين. ڪتابن، موسيقي ۽ مصوري سان عشق جا داستان بيان ڪري ٿو هو آسڪر وائلڊ جي انهيءَ ڪهاڻي "بلبل ۽ ڳاڙهو گلاب" جو به ذڪر ڪري ٿو جنهن ۾ هڪ نوجوان کان بلبل اداسي جو سبب پڇي ٿي، جنهن تي نوجوان ٻڌائي ٿو ته ڪيس هڪ ڇوڪريءَ سان محبت آهي پر هن جو شرط آهي ته ڪيس ڳاڙهو گلاب گهرجي پر هن وقت گلابن جي مند ئي ناهي. بلبل نوجوان جي محبت بچائڻ لاءِ گلاب جي ٻوٽي وٽ وڃي، جنهن چيس ته هوءَ پنهنجي دل جي رت جو هڪ قطرو ڏئي ته هو ڪيس ڳاڙهو گلاب ڏيندو. ڪنڊو بلبل جي دل ۾ چُڀي ويو ۽ هن جي زندگي هلي وئي.

ان ئي صديءَ ۾ مظهرالاسلام ٽپال گهرن جو ذڪر ڪري ٿو ۽ اهي ٽپالي جيڪي هاڻ ڪنهن قديم لوڪ داستان جو حصو بڻجي ويا آهن ۽ پڙهندڙ کي ان دور ۾ وٺي وڃي ٿو جڏهن ٽپالين جو شدت سان انتظار ٿيندو هو. هن جي ڪلهي ۾ لڙڪندڙ خطن سان ڀريل وفادار ٿيلهو ۽ هن جي هر پاڙي ۽ گهٽي ۾ گونجندڙ صدا 21هين صدي اسان کان ڪسي ورتي آهي. هٿ سان لکيل خط هاڻ ناياب ٿي ويا آهن. خطن ۽ پوسٽ ڪيل گرمجوشي ۽ محبت هاڻ دم ٽوڙي چڪي آهي، مظهرالاسلام اسان کي ان ڪسجي ويل محبت جو نوحو ٻڌائي ٿو ان سان گڏ هو خوبصورت استعارا استعمال ڪندي اسان کي ڦول ڳلي، عطر ڳلي، درويش ڳلي، سک چين ڳلي، ڪتاب ڳلي جون حيرت انگيز ڪهاڻيون به ٻڌائي ٿو.

درويشن ۽ صوفين جو ذڪر هن ناول جو پاورفل اسٽروڪ آهي. هن ناول جي شروعات ۾ مظهرالاسلام جڏهن هڪ نوجوان کي سارس پکي جو روپ ڏياري سفر ڪرائي ٿو ته اها دراصل انهن صوفين جي ئي روحاني وارتا آهي، جيڪا خوابن وسيلي زمان ۽ مڪان کان ماورا ٿي ويندي آهي، جتي وقت جو تصور نه هوندو آهي. انهن صوفين جو وجدان پکين جي صورت ستن وادين جو سفر ڪندو آهي، جن ۾ پهرين وادي ڳولا، ٻي وادي عشق، ٽين علم، چوٿين جدائي، پنجين اتحاد، ڇهين حيراني ۽ ستين وادي فنا آهي. صوفي چوندا آهن ته اهي ست واديون ئي خدا شناسي جو خلاصو آهن. انسان ۽ خدا وچ ۾ انهن ئي ستن وادين جو فاصلو آهي. ڪڏهن اهو فاصلو اک ڇنڀ ۾ طئي ٿي ويندو آهي ته ڪڏهن ان لاءِ سڄي عمر ناڪافي هوندي آهي.

مجموعي طور تي هن ناول ۾ مظهرالاسلام پنهنجي فن جي عروج تي نظر اچي ٿو هن جي لکڻين ۾ جيڪي رومانوي، حقيقت پسندي، سريئلزم ۽ علامت جا رنگ عام طور نظر ايندا آهن، تن کي هن ناول ۾ هن انتهائي آرٽسٽڪ نموني چٽيو آهي. هو هڪ اهڙو ليکڪ آهي، جيڪو پنهنجي آس پاس جي دنيا سان گڏ پنهنجي اندر جي احساسن کي به کليل نموني سان پڙهندڙن سان شيئر ڪندو آهي. هي ناول نه رڳو ادبي حلقن ۾ بي حد مقبول ٿي رهيو آهي پر نوان بحث پڻ کولي رهيو آهي.

بقايا	***	01

28 جولاءِ تي عام موڪل هوندي ۽ 10 محرم الحرام بروز ڇنڇر 29 جولاءِ تي عام موڪل هوندي.

بقايا	***	02

. براڻن تڪن تي چونڊون ٿينديون. اليڪشن لاءِ واٽر مارڪ پيپر ورتو ويو آهي، سمورا ادارا رابطي ۾ آهن ڊي آر او ۽ آر او لاءِ عدليه کي درخواست ڪنداسين.اليڪشن لاءِ مڪمل تيار آهيون.مواد تيار ڪيو ويو آهي،، رجسٽرار آر اوز لاءِ هاءِ ڪورٽن ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي.اليڪشن ڪميشن جي اسپيشل سيڪريٽري ظفر اقبال چيو ته اليڪشن ڪميشن انتظامي آفيسرن، پنهنجا آفيسر ۽ عدالتي آفيسر استعمال ڪري سگهي ٿي. نئين چونڊ سڌارن موجب چونڊون ڪرايون وينديون. ان کان علاوه سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن عمر حميد تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته پي ٽي آءِ جي پرڏيهي فنڊنگ جو معاملو عدالت ۾ آهي. سياست ۾ ڪارو پيسو نظام کي نقصان پهچائي رهيو آهي. هڪ سال ۾ علاج نه ٿو ڪري سگهجي ٽيڪس قانونن کي بهتر بڻائڻو پوندو.

بقايا	***	03

ڪنهن سان شيئر ڪري سگهجي ٿو. سياسي مقصدن لاءِ سائفر جي استعمال تي 14 سال قيد جي سزا ٿي سگهي ٿي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اعظم نذير تارڙ چيو ته قومي سلامتي کي پٺ تي رکي سائفر جو سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويو. اعظم خان جي بيان سان واضح آهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين سائفر کي ڪهڙن مقصدن لاءِ استعمال ڪيو هن چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين کي 25 جولاءِ تي جاچ لاءِ گهرايو ويو آهي. اڳوڻي وزيراعظم سائفر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي جلسي ۾ استعمال ڪيو. هن قومي سلامتي کي نقصان پهچايو. سندس چوڻ هو ته اڳوڻي وزيراعظم طرفان سائفر لاڳاپيل ڪاتي کي واپس نه ڪيو ويو. معاملي جي جاچ ميرٽ تي ٿيندي. جاچ ۾ عدم سهڪار تي گرفتاري ٿي سگهي ٿي.

بقايا	***	04

۾ 6 مهينن جي عبوري واڌ ڪري ڇڏي. نيپرا لائسنس ۾ واڌ جو فيصلو ڪي اليڪٽرڪ کي موڪلي ڇڏيو آهي. نيپرا موجب ڪي اليڪٽرڪ جي لائسنس جو 20 سالن جو مدو اڄ ختم ٿي رهيو آهي، ڪي اليڪٽرڪ لائسنس ۾ 20 سال نوان جي درخواست ڪئي هئي. نيپرا جو چوڻ آهي ته ڪي اليڪٽرڪ جي لائسنس ۾ 6 مهينن جي واڌ جو عبوري رليف ڏنو ويو آهي.

بقايا	***	05

ڪو دفاعي معاهدو ناهي ٿيو اسان خطي ۾ امن چاهيون ٿا ۽ پاڪستان يوڪرين سان به طرفا لاڳاپا وڌائڻ جو خواهشمند آهي. يوڪرين سان مختلف شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ چاهيون ٿا. يوڪريني پرڏيهي وزير ڊميٽرو ڪليبا چيو ته پاڪستان ۽ يوڪرين وچ ۾ سٺا لاڳاپا آهن. واپار ۽ سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ چاهيون ٿا. هن چيو ته عالمي مارڪيٽ ۾ يوڪريني شين جي پهچ کي آسان بڻايو ويندو. اسان جي سلامتي ۽ خود مختياري جي حمايت تي پاڪستان جا ٿورا مڃون ٿا.

بقايا	***	06

رهيا. پوليس وقت تي ڪارروائي ڪندي دهشتگردن جو حملو ناڪام بڻائي ڇڏيو باڙا مارڪيٽ ۾ ڌماڪي ڪانپوءِ پوليس علائقي جو گهيرو ڪري ورتو ۽ ريسڪيو اهلڪار واقعي واري هنڌ پهچي ويا. ڌماڪي جي نتيجي ۾ 8 ڄڻا زخمي ٿيا، جن کي فوري طبي امداد لاءِ ويجهي اسپتال پهچايو ويو جتي زخمن جي سٽ نه سهندي 4 پوليس اهلڪار دم ٽوڙي ويا. پوليس جو چوڻ آهي ته ڌماڪو باڙا تعلقي ڪمپائونڊ جي مک گيٽ تي تلاشي دوران ٿيو ڪمپائونڊ اندر باڙا ٿاڻو سرڪاري ۽ ٻيون اهم آفيسون آهن. جڏهن ته ٿاڻي جي اندر سي ٽي ڊي سيل به آهي. آءِ جي خيبر پختونخواهه اختر حيات موجب ڪمپائونڊ تي ٻن دهشتگردن حملو ڪيو هڪ حملي آور مرڪزي گيٽ ۽ ٻئي عمارت پرسان داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، اهلڪارن حملي آورن کي عمارت اندر داخل ٿيڻ نه ڏنو ان دوران مقابلي ۾ ٻئي آپگهاتي حملي آور مارجي ويا.هن چيو ته ڊي اين اي ٽيسٽ لاءِ حملي آورن جي عضون جا نمونا حاصل ڪيا ويا آهن.

بقايا	***	07

ريفرنس آگسٽ 2020 ۾ داخل ڪيو ويو نيب شهباز شريف کي سيپٽمبر 2020 ۾ ان ڪيس ۾ گرفتار ڪيو هو ۽ ڪيس ۾ نامزد سيني جوابدارن تي نومبر 2020 ۾ فرد جرم لاڳو ڪيو ويو پر ان ڪيس ۾ شهباز شريف کي اپريل 2021 ۽ حمزا شهباز کي فيبروري 2021 ۾ ضمانت تي آزادي ملي. وزيراعظم شهباز شريف ۽ حمزا شهباز سميت ٻين جوابدارن ان ڪيس ۾ آزادي جون درخواستون داخل ڪيون هيون. نيب طرفان ان ڪيس ۾ ڪو ثبوت پيش نه ڪيو ويو ۽ جاچ آفيسر به تصديق ڪئي ته ڪيس ۾ ڪي ثبوت موجود ناهن. جنهن تي عدالت هڪ جوابدار کي ڇڏي سيني کي ڪيس مان آجو ڪري ڇڏيو مني لانڊرنگ ريفرنس ۾ رابعہ عمران اشتهاري آهي ۽ ان جا دائمي گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا آهن.

بقايا	***	08

جي بازيابي لاءِ هلندڙ سرچ آپريشن دوران ڏاڙيل بديحل شر جي ٽولي سان مقابلو ٿي پيو فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڌوهاري رشيد شر ٿلڏي تي مارجي ويو شيرو شر زخمي ٿي پيو شيرو شر کي علاج لاءِ رحيم يار خان اسپتال نيو پئي ويو ته هن رستي ۾ دم ڏنو رائونتي ٿاڻي جي ايس ايڇ او عبدالشڪور لاڪو جو چوڻ آهي ته شيرو شر 5 پوليس اهلڪارن جي شهادت واري واقعي ۾ به ملوث هو.

بقايا	***	09

طوفان بجلي جي قيمتن واڌ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي احتجاج جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي آهي. شريف ميمڻ چيو ته مهانگائي سبب پريشان عوام تي وڌيڪ بار وڌو ويو آهي. ملڪ جي معيشت زبون حالي جو شڪار آهي. عام ماڻهو پنهنجي ٻارن کي ٻن وقتن جي ماني ڪمائي نٿو ڏئي سگهي، اسان جو سڄو ڪاروبار تباهه ٿي چڪو آهي. هن چيو ته آرمي چيف ۽ چيف جسٽس آف پاڪستان کان پرزور اپيل ڪريون ٿا ته ڪراچي جي عوام جي ڪي اليڪٽرڪ مان جان ڇڏائي وڃي. شريف ميمڻ چيو ته اسان بجلي جي بلن ۾ سمورن قسمن جي ٽيڪسن جو بائيڪاٽ جو اعلان ڪريون ٿا.هن چيو ته چيف جسٽس آف پاڪستان بجلي جي بلن ۾ لڳايل ناجائز ٽيڪسز جي خلاف پاڻمرادو نوٽيس وٺي واپارين ۽ عوام کي ڇوٽڪارو ڏياري ۽ بلنگ تي ناجائز ٽيڪسز جو خاتمو ڪيو وڃي. بجلي جي لوڊشيڊنگ ڪراچي جي سمورن علائقن مان ختم ڪئي وڃي بجلي جي قيمتن ۾ واڌ کي ٽٽا مڃون اهو فيصلو فوري طور تي واپس ورتو وڃي. شريف ميمڻ چيو ته عوام ۽ واپاري برادري ڪنهن به صورت ۾ خاموش نه ويهندي چيف جسٽس کان مطالبو ڪريون ٿا ته بجلي فراهم ڪندڙ ادارن خلاف پاڻمرادو نوٽيس وٺي عوام ۽ ڪاروباري برادري کي هن ظلم کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي. شريف ميمڻ وڌيڪ چيو ته مهانگائي عوام جي چيلهه ڀچي ڇڏي آهي. عوام طرفان خريداري نه هجڻ جي برابر آهي. جڏهن ته ڪاروباري سرگرميون تاريخ جي سڀني کان هيٺين سطح تي پهچي ويون آهن. هن چيو ته حڪومت طرفان گذريل ڏينهن في يونٽ ۾ 5 روپيه واڌ ڪري عوام سان ظلم ڪيو ويو آهي. حڪومت آءِ ايم ايف جي چوڻ تي عوام مٿان بار وجهي رهي آهي. ڪي اليڪٽرڪ خلاف ڪراچي جا واپاري سراپا احتجاج آهن

بقايا	***	10

اهلڪار سڪيورٽي تي مقرر هوندا.اوير ضلعي ۾ 7 هزار 50 آفيسر ۽ اهلڪار، اولهه ضلعي ۾ 5 هزار 940 ۽ ڏکڻ ضلعي ۾ 2 هزار 297 اهلڪار ڊيوٽي سرانجام ڏيندا. شهر ۾ 305 امام بارگاهن کي حساس، 62 کي انتهائي حساس ۽ 30 کي نارمل قرار ڏنو ويو آهي.ضلعي اوير ۾ 448 امام بارگاهن ۽ 2306 آفيسرن ۽ اهلڪارن کي. جڏهن ته اولهه ضلي جي امام بارگاهن تي 506 ۽ مجلسن تي 906 ۽ ڏکڻ ضلعي جي امام بارگاهن تي 284 آفيسر ۽ اهلڪار ۽ مجلسن تي 783 آفيسر ۽ اهلڪار سڪيورٽي تي هوندا.

بقايا	***	11

گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير حڪومت کي خط موڪليو آهي. گهرو وزارت آرٽيڪل 245 تحت سڄي ملڪ ۾ فوج مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، اهو فيصلو چئني صوبن جي درخواست تي ڪيو ويو آهي. محرم الحرام دوران جلوسن ۽ ميڙاڪن جي سيڪيورٽي جي ذميواري به پاڪ فوج تي هوندي، پوليس سان گڏ پاڪ فوج ۽ ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا سيڪيورٽي جا فرض انجام ڏيندا. سڄي ملڪ ۾ فوج جي مقرري جو فيصلو موجوده سيڪيورٽي صورتحال کي ڏسندي ڪيو ويو آهي.

بقايا	***	12

آهي ته مون کي شادي تي 200 تولا سون مليو سوشل ميڊيا تي فردوس عاشق اعوان جي انٽرويو جي هڪ ڪلپ وائرل ٿي رهي آهي، جنهن ۾ هن ميزبان جي سوال تي اعتراف ڪيو ته ڪيس شادي جي وقت 200 تولا سون مليو هو.هن چيو آهي اسان جون روايتون آهن. اسان پيءُ جي شادي تي ڏنل مينهن کي به سون جا ڪنگڻ وجهي موڪليو هو پر مون کي سون سان محبت ناهي، اهو ئي سبب آهي جو توهان مون کي ڪڏهن سون پاتل ناهي ڏٺو ايترو سون پائي مان پاڻ کي ڪارٽون جيان محسوس ڪندي آهيان. سندس چوڻ هو ته منهنجو مڙس اوور سيز پاڪستاني آهي، ان سان ڪيترائي پيرا جهيڙا ٿيا پر هو منهنجي مزاج کي ڄاڻي ٿو منهنجي ڪاوڙ وقتي هوندي آهي، تنهن ڪري هو هاڻ مون کي سمجهي ويو آهي.

بقايا	***	13

ايسوسيئيشن جي چيئرمين عبدالسميع خان چيو ته سرڪاري سرپرستي ۾ ايراني پيٽرول ۽ ڊيزل جي سرعام سمگلنگ جاري آهي، هن وقت في ليٽر مارجن 6 رپيا آهي، جنهن ۾ 5 رپيا واڌ ڪري 11 رپيا في ليٽر جو مطالبو آهي. ان مارجن تي ڪم ڪرڻ ڏکيو آهي. هن چيو ته سمگل ٿيل ايراني پيٽرول ۽ ڊيزل جي پهچ سبب اسان جي سيل 30 سيڪڙو تائين ڪري پئي آهي. بجلي ۽ ٻين يوٽيلٽيز سبب مالي خرچ وڌي ويا آهن. آمدني ختم ٿي وئي آهي. حڪومت ڊيلرز کي نظرانداز ڪري رهي آهي. پيٽروليم ڊيلرز ايسوسيئيشن جيئرمين 22 جولاءِ کان سڄي ملڪ ۾ پيٽرول پمپ اڻڄاتل مدي تائين بند ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو ته هڙتال ڊگهي ٿيڻ سبب 9 ۽ 10 محرم الحرام تي رڳو ٻن ڏينهن لاءِ پيٽرول پمپ کوليا ويندا.

بقايا	***	14

سازي ڇڏيو پرڏيهي ميڊيا موجب سوئيڊن جي سفارتخاني تي حملو عراقي اڳواڻ مقتدي الصدر جي حامين ڪيو سوئيڊن جي سفارتخاني جي ٻاهران صبح جو سوير مظاهرو سوئيڊن ۾ قرآن جي هڪ دفعو ٻيهر بيحرمتي جي اجازت ڏيڻ تي ڪيو ويو هو ان دوران مظاهرين سوئيڊن جي سفارتخاني ۾ داخل ٿيا ۽ انهن اتي پيچ داهه ڪان پوءِ باهه ڏئي ڇڏي. عراق جي پرڏيهي وزارت سوئيڊن جي سفارتخاني کي باهه ڏيڻ جي مذمت ڪندي چيو آهي ته حڪومت لاڳاپيل سيڪيورٽي اختيارين کي واقعي جي جاچ سان گڏ ضروري حفاظتي قدمن جي هدايت ڪئي آهي. عراقي اختيارين موجب واقعي ۾ سفارتخاني جو عملو محفوظ آهي، باهه کي وسايو ويو آهي ۽ صورتحال تي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي آهي. ٻئي طرف سوئيڊن جي پرڏيهي وزارت چيو آهي ته سفارتخاني ۽ سفارتي عملي جي حفاظت جي مڪمل ذميواري عراقي حڪومت تي لاڳو ٿئي ٿي.

بقايا	***	15

ڪامل انور، ذيشان صديقي، محمد انور ۽ ڪامران صديقي سميت ٻين جون ضمانت جون درخواستون رد ڪيون ويون. ايف آءِ اي موجب ملازمت لاءِ اسرائيل ويندڙ جوابدارن ۾ هڪ عورت سميت 8 ڄڻن کي جاري ويزائن ۽ فضائي ٽڪيٽن جا تفصيل اڃا تائين وصول ناهن ٿي سگهيا، ويزائن جي تفصيلن لاءِ پرڏيهي وزارت ذريعي ڪينيا، يو اي اي، سريلنڪا ۽ اردن لاءِ خط جاري ڪيا ويا هئا، جڏهن ته پي آءِ اي، ايمريٽس ۽ قطر ايئرويز به اڃا تائين فضائي سفر بابت تفصيل ۽ دستاويز فراهم ناهن ڪيا. ايف آءِ اي جو چوڻ آهي ته جوابدارن محمد اسلم، ستارا پروين ۽ عبدالماجد صديقي کي وڏي عمر سبب گرفتار نه ڪيو ويو سمورن جوابدارن جو واسطو هڪ ئي خاندان سان آهي، جن ۾ زال مڙس ۽ پٽ به شامل آهن.

بقايا	***	16

کي ماڊل ٽائون روڊ ملير ڪينٽ طرف موڙيو پيو وجيٽريفڪ پوليس موجب ڪراچي مان حيدرآباد ويندڙ ٽريفڪ کي جمالي پل رم جهم وٽان هيٺ موڙيو پيو وجيمظاهرين موجب اڄ صبح موٽرسائيڪل سوار جوابدارن ٽاٽرن جي دڪاندار تاج محمد ولد عبدالحق کي ڦرمزاحمت تي قتل ڪيو هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ محمد اويس ولد حاجي زخمي ٿي پيو واقعي واري هنڌ پوليس پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون. پوليس موجب واقعو ذاتي دشمني سبب پيش آيو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته ڪا به شيءِ چوري نه ڪئي وئي ۽ جوابدار جيئن ئي پهتا ته فائرنگ ڪري ڏني

بقايا	***	17

ڊي اي، ايل ڊي اي، ايم ڊي اي جو ايڪس آفيسڪو چيئرمين ميئر ڪراچي هوندو بل پاس ٿيڻ شرط ٿي حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي جي چيئرمين شپ ميئر وٽ اچي ويندي سولڊ ويسٽ جا ايگزيڪيٽو به لاڳاپيل ميئر سان مشاورت ۽ تجويز ڪيل تن آفيسرن مان هڪ مقرر ٿيندا ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ جو ايڪس آفيسر چيئرمين ميئر ڪراچي ئي هوندو واٽر بورڊ ۾ چيف ايگزيڪيٽو ميئر ڪراچي جي تجويز سان مقرر ٿيندوسيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي جو ايڪس آفيسڪو چيئرمين لاڳاپيل ڪائونسل جو سربراهه هوندو . سمورين ڊولپمينٽ اٿارٽيز جا ملازم ڪائونسل جي ماتحت هوندا.مڪاني ادارن جي سربراهن کي بااختيار بڻائڻ جو بل مڪيش چاولا پيش ڪيو آهي

بقايا	***	18

ٽيڪس آرڊيننس جي سيڪشن 4 سي کي غير آئيني قرار ڏيڻ جي درخواستن تي ٻڌڻي ٿي. عدالت مختلف ڪمپنين ۽ ادارن طرفان داخل درخواستون منظور ڪرڻ جو فيصلو ٻڌايو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس سردار اعجاز اسحاق فيصلو جاري ڪيو عدالت سپر ٽيڪس لاڳو ڪرڻ کي غير آئيني قرار ڏئي ڇڏيو سپر ٽيڪس بابت ڊيمانڊ ۽ ريڪوري جا سمورا نوٽيس به ڪالعدم قرار ڏنا ويا.

بقايا	***	19

محرم الحرام تي موٽر سائيڪل جي ٻيلهه سواري تي پابندي هوندي، عورتون، ٻار، معذور ۽ پيرسن ماڻهو پابندي کان آجا هوندا.صوبي ۾ هٿيار کڻي هلڻ سميت سمورا اجازت ناما به معطل ڪيا ويا آهن صوبائي گهرو کاتي موجب صوبي ۾ محرم الحرام بابت ميڙاڪن ڪانسواءِ هر قسم جي جلسن ۽ جلوسن تي به پابنديون لاڳو ڪيون ويون آهن.

بقايا	***	20

ٽي وي فيس سان گڏ ريڊيو فيس به شامل هوندي، بجلي جي بلن ۾ 50 رپيا ٽي وي ۽ ريڊيو جي فيس لاڳو هوندي. ناڻي واري وزارت موجب بجلي جي بل ۾ 35 رپيا پي ٽي وي ۽ 15 رپيا ريڊيو فيس لاڳو هوندي. اطلاعات واري وزارت ان حوالي سان سمري تيار ڪري ورتي آهي. ناڻي واري وزارت جي اختيارين ٻڌايو ته واهپيدارن کان وصول ٿيندڙ رقم ريڊيو ملازمن جي پگهارن تي خرچ ٿيندي.

بقايا	***	21

عمران، عندليب حسنين، جليل احمد ۽ جواد حسين شامل آهن اختيارين ٻڌايو ته جوابدارن جي پاسپورٽس تي عراق جون جعلي ويزائون لڳل آهن. جڏهن ته جوابدارن جي پاسپورٽس تي لڳل انٽري اسٽيمپس به جعلي آهن ايف آءِ اي ترجمان جو چوڻ آهي ته شروعاتي جاچ موجب جوابدار غير قانوني طريقي سان سرحد پار ڪري عراق پهتا هئا. جوابدارن ايجنٽ جي مدد سان گبد بارڊر پار ڪيو گرفتار جوابدارن کي وڌيڪ جاچ ۽ قانوني ڪارروائي لاءِ اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا	***	22

ميٽنگ اڳاري ڏينهن بنگلورو ۾ ٿي جتي اتحاد جو اعلان ڪيو ويو پارٽي ميڊيا موجب انهن 26 جماعتن 2019 ۾ لوڪ سڀا جي چونڊن ۾ 134 سيٽون حاصل ڪيون هيون ۽ گڏيل طور تي 35 سيڪڙو ووٽ ڪنيا.

بقايا	***	23

ڄامشورو کان جيڪب آباد طرف پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيا هئاسين ته رستي ۾ جوابدار گلڻ عرف اسماعيل ڀهوڙ اسان کي روڪي ناري مهر خاتون کي زبردستي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي اسان طرفان مزاحمت ڪئي وئي جنهن کان پوءِ جوابدار گولين هڻي ناري کي قتل ڪرڻ کان پوءِ فرار ٿي ويو اهڙي اطلاع تي پوليس لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ ڪوٽڙي جي بلاول ميڊيڪل ڪاليج اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو هوڏانهن پوليس جي اهم ذريعن ٻڌايو آهي ته ناري گذريل ڏينهن هڪ نوجوان سان گڏ پرڻي لاءِ نڪتي جتان سندس وارثن ڪيس وٺي اچي ڪارنهن جي الزام هيٺ گولين هڻي قتل ڪرڻ کان پوءِ واقعي جو رنگ ڏنو ويو آهي ذريعن موجب مارجي ويل ناري مهرخاتون بليدي گذريل ڏينهن ڄامشورو ٿاڻي تي پهتي هئي ته مونکي ماڻٽن مان جان خطرو آ مونکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي پر پوليس بااثرن کان ڳري رشوت وٺي گذريل ڏينهن ناري کي تحفظ ڏيڻ بجاءِ سندس وارثن جي حوالي ڪيو ويو جنهن بعد اڄ ڪيس گولين جو ڪاچ بڻائي قتل ڪيو ويو ان حوالي سان وڌيڪ ٻڌايو پيو وڃي ته ڪجهه ڏينهن اڳ پسند جو پرڻو ڪندڙ نوجوان ناري اڳوڻي ايس ايڇ او مظهر نائچ طرفان ڊيل ذريعي واپس ماڻٽن حوالي ڪرڻ بعد ڪيس قتل ڪيو ويو مليل ڄاڻ موجب ناري نوجوان سان پسند جو پرڻو ڪيو هو جنهن بعد اڳوڻي ايس ايڇ او مظهر نائچ ڊيل تحت ناري کي واپس ڪري ماڻٽن حوالي ڪيو هو جنهن بعد ناري جو اڄ گولين لڳل لاش هٿ آيو آهي جڏهن ته ناري کي گولين هڻي قتل ڪندڙ جوابدار فرار ٿي ويا آهن ايس ايڇ او سڪندر گوپانگ ٻڌايو ته واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جوابدارن کي جلد کان جلد گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا	***	24

ڊالر جو اگهه هڪ رپيو 35 پئسا وڌيو جنهن کانپوءِ هڪ آمريڪي ڊالر 285 رپين 15 پئسن جو ٿي ويو هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 3 رپيا مهانگو ٿي 293 رپين جو ٿي ويو. اوپن مارڪيٽ ۾ گذريل ڏينهن ڊالر 290 رپين تي برقرار رهيو هو.

بقايا	***	25

.اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق محمود جهانگيري ٻڌڻي جو 3 صفحن تي ٻڌل لکت ۾ حکم نامو جاري ڪيو جنهن ۾ عدالت فواد چوڌري جي يقين ڏيارڻ تي ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ معطل ڪري ڇڏيا. عدالت پنهنجي لکت ۾ جاري ڪيل حکم نامي ۾ چيو آهي ته فواد چوڌري 20 جولاءِ تي اليڪشن ڪميشن جي سامهون پيش ٿئي ۽ اليڪشن ڪميشن جي ڪارروائي جي گڏيل ڪاپي جمع ڪرائي. عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو ته پٽيشنر جي وڪيل ٻڌايو ته ضمانت نه ٿيڻ جوڳن وارنٽ جي تعميل ناهي ٿي. پٽيشنر جي وڪيل جو موقف آهي ته ضمانت نه ٿيڻ جوڳن وارنٽ جو حکم ڪالعدم قرار ڏيڻ گهرجي. گرفتاري وارنٽ معطلي جو آرڊر 20 جولاءِ کان پوءِ پاڻمرادو غير موثر ٿي ويندو جنهن کان پوءِ عدالت اليڪشن ڪميشن کي 26 جولاءِ جي لاءِ نوٽيس جاري ڪري جواب طلب ڪري ورتو ياد رهي ته اليڪشن ڪميشن پيش نه ٿيڻ تي فواد چوڌري جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا هئا جنهن کي فواد چوڌري عدالت ۾ چئلينج ڪيو هو

بقايا	***	26

خلاف ڪارروائي ڪئي ويندياسماعيل راهو ٻڌايو ته ماحول کي خراب ڪندڙ سرن جي بلن کي وڌيڪ هلڻ نه ڏنو ويندو پڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ايڪشن ڪنيو ويندو

بقايا	***	27

جسٽس پاڪستان جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ڪئي ايڊيشنل اٽارني جنرل عدالت کي ٻڌايو ته درخواست ڏيندڙ پرويز مشرف فوت ٿي چڪو آهي 2013 جي عام چونڊن ۾ پرويز مشرف جي نااهلي کي چئلينج ڪيو هو هاڻ 2013 جي اسيمبلي جو مدو به ختم ٿي چڪو آهي جنهن کان پوءِ سپريم ڪورٽ پرويز مشرف جي نااهلي واري درخواست غير موثر هجڻ تي رد ڪري ڇڏي.

بقايا	***	28

بيدل مسرور پٽ جي گهر پهچڻ جي تصديق ڪئي آهي.ان ڏس ۾ بيدل مسرور جو وڌيڪ چوڻ هو ته اهلڪار شايد غلطي فهمي ۾ ڪٽي ويا هئا.واضح رهي ته هنس مسرور کي اڳاري جي شام جو ايف ٽي سي پل وٽان کنيو ويو هو

بقايا	***	29

اڄ سندس گهر هيٺان گيريج مان هٿ آيو پوليس موجب گرفتار ڪيل جوابدار اساما شيخ قتل جو ڏوهه باسي ورتو آهي اساما جو چوڻ آهي ته هن پئسن جي لالچ ۾ اچي حافظ ڪلاٿ هائوس جي مالڪ حافظ حماد انصاري کي قتل ڪيو جوابدار واقعي کي ڦرلٽ جو رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پوليس جو چوڻ آهي ته هنن سي سي ٽي وي فٽيج جي مدد سان قتل ڪيس ڪجهه ڪلاڪن اندر حل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا	***	30

مقتول وڪيل نور الاهي سندرائيءَ جي پٽ ايڊووڪيٽ زاهد حسين جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو ڪيس ۾ پروفيسر اجمل ساوند جا 2 پاٽر ڊاڪٽر طارق ۽ اشرف سميت 5 ڄڻا نامزد ڪيا ويا آهنڪيس ۾ حنيف ساوند ۽ ڪمال ساوند کي به جوابدار نامزد ڪيو ويوغوثپور ويجهو ڏڙي سندرائي واري علائقي ۾ 3 ڏينهن اڳ وڪيل نور الاهي سندرائي کي اڻڄاتل ماڻهن فائرنگ ڪري قتل ڪيو هو

بقايا	***	31

اهلڪار شهيد ۽ 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا هئا.

بقايا	***	32

طوفان بجلي جي قيمتن واڌ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي احتجاج جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي آهي. شريف ميمڻ چيو ته مهانگائي سبب پريشان عوام تي وڌيڪ بار وڌو ويو آهي. ملڪ جي معيشت زبون حالي جو شڪار آهي. عام ماڻهو پنهنجي ٻارن کي ٻن وقتن جي ماني ڪمائي نٿو ڏئي سگهي، آسان جو سڄو ڪاروبار تباهه ٿي چڪو آهي. هن چيو ته آرمي چيف ۽ چيف جسٽس آف پاڪستان کان پرزور اپيل ڪريون ٿا ته ڪراچي جي عوام جي ڪي اليڪٽرڪ مان جان ڇڏائي وڃي. شريف ميمڻ چيو ته اسان بجلي جي بلن ۾ سمورن قسمن جي ٽيڪسن جو بائيڪاٽ جو اعلان ڪريون ٿا.هن چيو ته چيف جسٽس آف پاڪستان بجلي جي بلن ۾ لڳايل ناجائز ٽيڪسز جي خلاف پاڻمرادو نوٽيس وٺي واپارين ۽ عوام کي ڇوٽڪارو ڏياري ۽ بلنگ تي ناجائز ٽيڪسز جو خاتمو ڪيو وڃي. بجلي جي لوڊشيڊنگ ڪراچي جي سمورن علائقن مان ختم ڪئي وڃي بجلي جي قيمتن ۾ واڌ کي ٽٽا مڃون اهو فيصلو فوري طور تي واپس ورتو وڃي. شريف ميمڻ چيو ته عوام ۽ واپاري برادري ڪنهن به صورت ۾ خاموش نه ويهندي چيف جسٽس کان مطالبو ڪريون ٿا ته بجلي فراهم ڪندڙ ادارن خلاف پاڻمرادو نوٽيس وٺي عوام ۽ ڪاروباري برادري کي هن ظلم کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي. شريف ميمڻ وڌيڪ چيو ته مهانگائي عوام جي چيلهه ڀچي ڇڏي آهي. عوام طرفان خريداري نه هجڻ جي برابر آهي. جڏهن ته ڪاروباري سرگرميون تاريخ جي سڀني کان هيٺين سطح تي پهچي ويون آهن. هن چيو ته حڪومت طرفان گذريل ڏينهن في يونٽ ۾ 5 روپيه واڌ ڪري عوام سان ظلم ڪيو ويو آهي. حڪومت آءِ ايم ايف جي چوڻ تي عوام مٿان بار وجهي رهي آهي. ڪي اليڪٽرڪ خلاف ڪراچي جا واپاري سراپا احتجاج آهن

بقايا	***	33

رهيا. پوليس وقت تي ڪارروائي ڪندي دهشتگردن جو حملو ناڪام بڻائي ڇڏيو باڙا مارڪيٽ ۾ ڌماڪي ڪانپوءِ پوليس علائقي جو گهيرو ڪري ورتو ۽ ريسڪيو اهلڪار واقعي واري هنڌ پهچي ويا. ڌماڪي جي نتيجي ۾ 8 ڄڻا زخمي ٿيا، جن کي فوري طبي امداد لاءِ ويجهي اسپتال پهچايو ويو جتي زخمن جي سٽ نه سهندي 4 پوليس اهلڪار دم ٽوڙي ويا. پوليس جو چوڻ آهي ته ڌماڪو باڙا تعلقي ڪمپائونڊ جي مک گيٽ تي تلاشي دوران ٿيو ڪمپائونڊ اندر باڙا ٿاڻو سرڪاري ۽ ٻيون اهم آفيسون آهن. جڏهن ته ٿاڻي جي اندر سي ٽي ڊي سيل به آهي. آءِ جي خيبر پختونخواهه اختر حيات موجب ڪمپائونڊ تي ٻن دهشتگردن حملو ڪيو هڪ حملي آور مرڪزي گيٽ ۽ ٻئي عمارت پرسان داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، اهلڪارن حملي آورن کي عمارت اندر داخل ٿيڻ نه ڏنو ان دوران مقابلي ۾ ٻئي آپگهاتي حملي آور مارجي ويا.هن چيو ته ڊي اين اي ٽيسٽ لاءِ حملي آورن جي عضون جا نمونا حاصل ڪيا ويا آهن.

بقايا	***	34

ڄامشورو کان جيڪب آباد طرف پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيا هئاسين ته رستي ۾ جوابدار گلڻ عرف اسماعيل ڀهوڙ اسان کي روڪي ناري مهر خاتون کي زبردستي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي اسان طرفان مزاحمت ڪئي وئي جنهن کان پوءِ جوابدار گولين هڻي ناري کي قتل ڪرڻ کان پوءِ فرار ٿي ويو اهڙي اطلاع تي پوليس لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ ڪوٽڙي جي بلاول ميڊيڪل ڪاليج اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو هوڏانهن پوليس جي اهم ذريعن ٻڌايو آهي ته ناري گذريل ڏينهن هڪ نوجوان سان گڏ پرڻي لاءِ نڪتي جتان سندس وارثن ڪيس وٺي اچي ڪارنهن جي الزام هيٺ گولين هڻي قتل ڪرڻ کان پوءِ واقعي جو رنگ ڏنو ويو آهي ذريعن موجب مارجي ويل ناري مهرخاتون بليدي گذريل ڏينهن ڄامشورو ٿاڻي تي پهتي هئي ته مونکي ماڻٽن مان جان خطرو آ مونکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي پر پوليس بااثرن کان ڳري رشوت وٺي گذريل ڏينهن ناري کي تحفظ ڏيڻ بجاءِ سندس وارثن جي حوالي ڪيو ويو جنهن بعد اڄ ڪيس گولين جو ڪاچ بڻائي قتل ڪيو ويو ان حوالي سان وڌيڪ ٻڌايو پيو وڃي ته ڪجهه ڏينهن اڳ پسند جو پرڻو ڪندڙ نوجوان ناري اڳوڻي ايس ايڇ او مظهر نائچ طرفان ڊيل ذريعي واپس ماڻٽن حوالي ڪرڻ بعد ڪيس قتل ڪيو ويو مليل ڄاڻ موجب ناري نوجوان سان پسند جو پرڻو ڪيو هو جنهن بعد اڳوڻي ايس ايڇ او مظهر نائچ ڊيل تحت ناري کي واپس ڪري ماڻٽن حوالي ڪيو هو جنهن بعد ناري جو اڄ گولين لڳل لاش هٿ آيو آهي جڏهن ته ناري کي گولين هڻي قتل ڪندڙ جوابدار فرار ٿي ويا آهن ايس ايڇ او سڪندر گوپانگ ٻڌايو ته واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جوابدارن کي جلد کان جلد گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا	***	35

.اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق محمود جهانگيري ٻڌڻي جو 3 صفحن تي ٻڌل لکت ۾ حکم نامو جاري ڪيو جنهن ۾ عدالت فواد چوڌري جي يقين ڏيارڻ تي ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ معطل ڪري ڇڏيا. عدالت پنهنجي لکت ۾ جاري ڪيل حکم نامي ۾ چيو آهي ته فواد چوڌري 20 جولاءِ تي اليڪشن ڪميشن جي سامهون پيش ٿئي ۽ اليڪشن ڪميشن جي ڪارروائي جي گڏيل ڪاپي جمع ڪرائي. عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو ته پٽيشنر جي وڪيل ٻڌايو ته ضمانت نه ٿيڻ جوڳن وارنٽ جي تعميل ناهي ٿي. پٽيشنر جي وڪيل جو موقف آهي ته ضمانت نه ٿيڻ جوڳن وارنٽ جو حکم ڪالعدم قرار ڏيڻ گهرجي. گرفتاري وارنٽ معطلي جو آرڊر 20 جولاءِ کان پوءِ پاڻمرادو غير موثر ٿي ويندو جنهن کان پوءِ عدالت اليڪشن ڪميشن کي 26 جولاءِ جي لاءِ نوٽيس جاري ڪري جواب طلب ڪري ورتو ياد رهي ته اليڪشن ڪميشن پيش نه ٿيڻ تي فواد چوڌري جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا هئا جنهن کي فواد چوڌري عدالت ۾ چئلينج ڪيو هو

بقايا — سنڌيار — 01

جي تعاون سان سکر پريس ڪلب روڊ تي سنڌ امن مارچ ڪري پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪيو سنڌ امن مارچ جي اڳواڻي سول سوسائٽي الائينس جي چيئرمين بيرسٽر خان عبدالغفار خان ۽ هندو پنچائت سکر جي مکي ايشور لال ڪئي امن مارچ ۾ مختلف برادرين سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سول سوسائٽي الائينس جي چيئرمين خان عبدالغفار خان جو امن مارچ کي خطاب ڪندي چوڻ هو ته سنڌ ۾ ڏاڙيل راڄ جو ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي هر آئي ڏينهن معصوم ٻارڙن اقليتي برادري جي ماڻهن سميت واپارين کي نشانو بڻايو پيو وڃي امن مارچ جو مقصد سنڌ ۾ ٻرندڙ لاقانونيت بد امني خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ آهي بيرسٽر خان عبدالغفار خان جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڏاڙيلن کي سردارن ۽ وڏيرن جو آشيرواد حاصل آهي جيڪي ڪين سرپرستي ڪري رهيا آهن سنڌ جي ڪچي وارن علائقن ۾ آپريشن ڪرڻ پوليس جي وس جي ڳالهه ناهي پوليس امن و امان ڪرائڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي فوج يا ملٽري جي ڪمانڊوز کي ميدان تي اچڻو پوندو 2016 ۾ جنهن طرح پنجاب ۾ صوبائي حڪومت 48 ڪلاڪن اندر ملٽري کي گهرائي ايڪشن ورتو ان ايڪشن جي نتيجي ۾ ڏوهارين پنهنجن سمورن ساٿين سميت پاڻ کي قانون حوالي ڪري ڇڏيو هو پر جڏهن ڳالهه سنڌ جي اچي ٿي ڪو ٻاهر نڪري ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهي سنڌ سان هميشه ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ اختيار ڪيو ويو آهي سنڌ کي پوئتي ڌڪيو پيو وڃي ڇا سنڌ يتيمن ۽ مسڪينن جي ڌرتي آهي سنڌ ۾ رهڻ وارا ڪرمنل آهن يا غدار آهن اسان پڇڻ چاهيون ٿا ته آخر اهو رويو ڪيستائين هلندو بيرسٽر خان عبدالغفار خان جو وڌيڪ چوڻ هو ته شهيد پروفيسر اجمل ساوند جي قتل جي ذميوار به سنڌ جي وڏيرائپ وارو شاهي نظام آهي هاڻ جيستائين عوام پنهنجن حقن لاءِ ٻاهر نه نڪرندا ايستائين اهو ئي بربريت وارو نظام هلندو رهندو اسان کي پنهنجي اندر شعور پيدا ڪرڻو پوندو پنهنجن حقن لاءِ، مينارٽي ، تاجرن ، ۽ صوبي جي عوام جي حقن لاءِ ٻاهر نڪرندو پوندو ، آخر ۾ هندو پنچائت جي مکي ايشور لال چيو ته سنڌ ۾ هاڻ معصوم ٻارڙا اغوا ٿي رهيا آهن اهڙن حالتن ۾ جيئڻ مشڪل بڻجي ويو آهي اگر هاڻ به ڪنهن تدارڪ نه ڪيو ته اقليتي برادري ڪو نئون رخ اختيار ڪندي.

بقايا — سنڌيار — 02

جي دڪان کي مبينا طور باهه ڏئي ڇڏي جنهن جي نتيجي ۾ دڪان ۾ رکيل سموري سبزي ۽ ٻيو سامان سڙي رک ٿي ويو واقعي خلاف متاثر دڪاندار ضمير حسين سومرو سماجي اڳواڻ نظيرلنڊ سان گڏجي پريس ڪانفرنس ڪندي صحافين چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ جوابدار اجمل پٽ حمزعلي شر مون کان 20 هزار رپيا ڀتو گهريو، نه ڏيڻ تي هو هٿيارن جي زور تي مون کان هزارين رپيا روڪ رقم، موبائل فون ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويو جنهن جي ڏانهن مون سندس والد حمزعلي شر کي ڏني ۽ گذريل رات جوابدار اجمل وري مون کان روزانو کي بنياد تي ڀتو ڏيڻ جي گهر ڪئي ، جنهن تان انڪار ڪرڻ تي هو منهنجي دڪان کي باهه ڏئي فرار ٿي ويو ۽ منهنجو دڪان سڙي رک ٿي ويو هن چيو ته آئون واقعي جو ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ سوراهه ٿاڻي تي ريس ڀر پوليس ڪيس داخل نه پئي ڪري ۽ ڌڪا ڏئي واپس موٽايو وڃي ٿو هن ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري ڪيس گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ آئون احتجاج طور پاڻ ساڙيندس.

بقايا — سنڌيار — 03

جي نااهلي سبب چور پوليس کان ڏاڍا بڇجي ويا آهن. سکر جي ٻي سيڪشن ٿاڻي جي حد سکر ريلوي اسٽيشن ٻاهران اويس احمد قريشي جي نئين چائنا موٽر سائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن. جڏهن ته آباد ٿاڻي جي حد مان نجي ڪمپني جي گودام ۾ نامعلوم چورن داخل ٿي ڪري 6 لک روپين کان وڌيڪ ماليت جو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن هوڏانهن گدام مان چوري واري سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ منظرعام تي اچي وئي آهي.

بقايا — سنڌيار — 04

ٽرين کي ٻيهر بحال ڪرڻ ڪانپوءِ سکر پهچڻ تي ٽرين ۽ مسافرن جو سکر اسٽيشن وٽ شاندار استقبال ڪيو ويو، ڊي ايس ريلوي سکر محمود الرحمان لاکو ۽ ٻين عملدارن استقبال ڪيو ان موقعي تي تقريب پڻ ڪوٺائي وئي، تقريب دوران وفاقي وزير ريلوي سعد رفيق پڻ ويڊيو لنڪ تي خطاب ڪيو تقريب بعد ڊي ايس ريلوي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته موئن جو دڙو ايڪسپريس ٽرين جي بحالي تي عوام کي مبارڪباد ڏيون ٿا. ريلوي ڪاتو عوام کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهيو آهي.

بقايا — سنڌيار — 05

حافظ سجاد، نائف علي زئونر، نظر علي زئونر، مهتاب علي پنهور ۽ ٻين ڏانهيو ته ٽاپ ٽو باٽم لسٽ ظاهر ڪيو اسين سنڌ گورنمينٽ کان مطالبو ٿا ڪريون 5 کان 15 اسڪيل واري نوڪرين جي لاءِ انٽرويو پاليسي ۽ گريڊنگ پاليسي ختم ڪيون وڃن ۽ ٽاپ ٽو باٽم لسٽ تي نوڪريون جاري ڪري نوجوانن مان بي چيني ختم ڪري آهن جو مستقبل بچايو وڃي سنڌ رجيڪٽ انٽرويو پاليسي هڪ سنڌ هڪ پاليسي،نامنظور نامنظور انٽرويو پاليسي نامنظور جا نعرا هڻي احتجاج ڪندي وڌيڪ چيو ته ضلعي دادو جا باشعور نوجوان پنهنجي محنت سان پاس ٿيا آهن ڪنهن به صورت ۾ انٽرويو پاليسي کي نه مڃيو ويندو نوجوان جي مستقبل لاءِ جدوجهد تحت جاري رهندو

بقايا — سنڌيار — 06

چيف ميونسپل آفيسر (سي ايم او) کي بلدياتي ڪاتي 5 ڏينهن اڳ بدلي ڪري هيڊ آفيس ڪراچي رپورٽ ڪرائڻ ڪانپوءِ سي ايم او جي عهدي واري سيٽ خالي ٻيل آهي هن سلسلي ۾ خيرپور جي شهرين محمد بخش جويو ، فياض حسين ، محمد يوسف ، مصور نواز ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سي ايم او جي سيٽ خالي هجڻ ڪري هڪ پاسي محرم الحرام جي آمد جي سلسل ۾ شهر جي صفائي سترائي رولڙي جو شڪار آهي ته ٻئي پاسي ميونسپل آفيس جو ڪم رولڙي جو شڪار آهي هنن مطالبو ڪيو ته خالي ٿيل سي ايم او جي عهدي تي ، ميونسپل جي سينئر آفيسر ذوالفقار علي پٿو کي مقرر ڪيو وڃي ، ته جيئن شهر جي صفائي سترائي جي ڪم ۾ بهتري اچي سگهي .

بقايا — سنڌيار — 07

ي هيلٿ جي آفيس اندران چوري ٿي آهي رفيق وسان خبر موجب شيخ پرڪيو جي سٽنير پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ محمد رفيق وسان جي پٽ منظور وسان جي ڊي جي هيلٿ حيدرآباد آفيس اندران موٽر سائيڪل چوري ٿي وئي موٽر سائيڪل مالڪ ٻاران قاسم آباد حيدرآباد ٿاڻي تي موٽر سائيڪل چوري جي رپورٽ پڻ داخل ڪرائي وئي آهي پ پ اڳواڻ جي پٽ منظور وسان صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڊي جي هيلٿ حيدرآباد آفيس اندر موٽر سائيڪل بيهاري ميڊيڪل ڪرائڻ لاءِ بورڊ آڏو پيش ٿيڻو هو ان چيو ته ميڊيڪل بورڊ آفيس مان ٻاهر نڪتس ته منهنجي سي ڊي موٽر سائيڪل ڪانه هئي اتي موجود چوڪيدار کان پڻ معلومات ورتي ان چيو ته مون کي ناهي خبر ان چيو ته موٽر سائيڪل کي لاڪ پڻ لڳل هو لاڪ ٽوڙي موٽر سائيڪل چوري ڪئي وئي آهي ان چيو ته ڊي جي هيلٿ آفيس جي گيٽ اندران گيٽ تي موجود چوڪيدار جي هوندي موٽر سائيڪل جو لاڪ ٽوڙي موٽر سائيڪل چوري ڪئي وئي آهي جيڪا ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي ان چيو ته واقعي جي جانچ ڪري چوري ٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائي وڃي پ پ اڳواڻ رفيق وسان جو چوڻ هو ته منهنجي پٽ جي موٽر سائيڪل چوري جو آئي جي سنڌ ڊي آئي جي سنڌ ايس ايس پي حيدرآباد ۽ حد جو ايس ايچ او فورن نوٽيس وٺن ۽ چوري ٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائن

بقايا — سنڌيار — 08

ڌيءِ سميت ڪوهه ۾ ٽپو ڏي زندگيءِ جو انت آڻي ڇڏيو اطلاع تي ڪيسر پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ چاچڙو اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا آهن وڌيڪ

جانچ شروع ڪري ڏي آهي. جڏهن ته ٿر جي تاريخ ۾ خانداني خودڪشي جو ريشو وڌي رهيو آهي، هن واقعي کان اڳ گوٺ رباسر ۾ هڪ خاندان جا 3 ماڻهو خودڪشيون ڪري چڪا آهن. پوليس اڪثر واقعن کي ذهني توازن درست نه هجڻ يا گهرجي اڻبت چاڻي ڪيس فائلن ۾ بند ڪرڻ بدران خودڪشي جي واقعن جي صاف نموني پيرائتي جانچ ڪري ته جيئن اهڙن افسوسناڪ واقعن کي گهٽتائي اچي سگهي

بقايا — سنڌيار — 09

ڪپور موري جي رهواسي نوجوان ناري رخسانه سولنگي سان شادي ڪري ڇڏي خبر موجب ننگر پارڪر جو نوجوان جتي پرڪاش ميگهواڙ پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته گذريل ٽن (3) سالن کان ڪپور موري جي روشن رائيس مل ۾ ڪم ڪندو آهيان ۽ اسلام جي تعليمات کان متاثر ٿي مولوي شمس الدين علي پور وارو جي هٿ تي مون اسلام قبول ڪيو آهي جنهن ڪانپوءِ مون پنهنجو اسلامي نالو جنيد علي رکي ڇڏيو آهي هن وڌيڪ چيو ته مون نالي رخسانه سولنگي سان پنهنجي مرضي سان حق نڪاح ڪيو آهي جنهن ڪانپوءِ اسانجا عزيز اسانجا جاني دشمن بڻجي ويا آهن اسانکي حياتين جو خطرو آهي جنهن ڪري اسين دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون اعلي اختياريون حياتين جو تحفظ ڏئي انصاف فراهم ڪن

بقايا — سنڌيار — 10

8 مهينن کان مون کي خرچ ڏيڻ به بند ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي ننهن مون کي گهر مان بي دخل ڪرڻ چاهي ٿي، هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ساڻس انصاف ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 11

